

# لاڙ لهرون سمنڊ

تواز خان زئور

نئون نياپو

# لاڙ

# لهرون

# سمنڊ

(شاعري)

نواز خان زئور

نئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

كتاب جو نالو: لاڙ لهرون، سمنڊ

موضوع: :شاعري

شاعر: نواز خان زئور

تعداد: هڪ هزار

ڇاپو پهريون: جنوري 2012ع

پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،

A-12 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي

Cell # 0346-2103811

**مُلهه: 150رپيا**

# سَنَاءُ


پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي/5
مهاڳ: محمد ابراهيم جويو/6
پنهنجي پاران: نواز خان زئور/8


## شاعريءَ جي ترتيب


بيت /13
وايون/59
ٽيڙو77
نظم /94
غزل /105

# ارپنا

سنڌ ملڪ جي آزادي جي ويڙهاند لاءِ پنهنجيون زندگيون ارپيندڙ امر شهيدن ۽
سوريءَ تي سرواڻن جهڙن عجب انسانن

**شهيد سرائي قربان کهاوڙ، شهيد ذوالفقار ڪولاچي، شهيد روپلو چوليائي، شهيد نورالله تنيو، شهيد ممتاز پنو، شهيد علي بلند اعجاز سولنگي، شهيد صالح راڄپر، شهيد يونس خاصخيلي ۽ مرحيات سڪندر سومري جي نالي**

مون ڏرتي تنهنجا ڏڱ ڏٺا، مون تن جا لويل لڱ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني، سي وارا وير وڃائي ويا.
مون اڻ تيٺا انسان ڏٺا، مون سوريءَ تي سومان ڏٺا،
اي ڏرتي! ڇا ڇا ڪوندر ها، جي پنهنجا ڪنڌ ڪپائي ويا.
سي جيءَ جيارا ماڻهو ها، سي سپ ڪان پيارا ماڻهو ها،
جن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو جي دل ۾ درد دکائي ويا.
ڇا نعرا ها ڇا نينهن هيا، هو مڙس هيا يا شينهن هيا!
جي ڏونگر ڏيل ڏڪائي ويا، گجگوڙ ڪري گرمائي ويا.
جن پاسو ورتو ڪوڙ ڪنان، هي مڙس نه ويندا مُور منان،
جن واڪي واڪي وس ڪيا، جي سارو سچ ٻڌائي ويا.
هو پيار پتنگا ڪامي ويا ۽ ڪيڏو ڏور اڏامي ويا،
پر تنهنجي منهنجي ڏيئي ۾، هُو پنهنجي جوت سمائي ويا.
ڇا سمجهي تن ڪي جيءَ جڏي، آ تن جي ٻاڙهي ٻالهه وڏي،
ها ڇا ڇا ارڏا ڪنڌ اَڙي، جي توکي ميندي لائي ويا.
ڪيئن توکي ڪاري ٻاٽ ميان! تي ڇٽڪ ڪري چمڪاٽ اچان،
آ ٿم ٿم ٿم لاٽ اچان، جا جوڳي ڪالهه جلائي ويا.

(شيخ اياز)

پنهنجي ڪوتا جو هيءُ ڪتاب انهن عظيم دوستن ۽ آزادي جي جدوجهد جي سدا حيات اڳواڻن کي ارپيندي آئون ائين نه ٿو سمجهان ته مون ڪو قرض لاٿو آهي. هيءُ قرض ته تڏهن لهندا جڏهن سنڌ ملڪ مٿان آزادي جي پليري پاڪ ڦٽندي.

**نواز خان زئور**

# پبلشر جو نوٽ

پاڻ وٽ شاعريءَ جي ته جهڙ ريت، رسم پراڻي پيل آهي، تنهن ڪري هر لکاري جهڙ ته لکڻ جي بسم الله شاعريءَ جهڙي هنري صنف ساڻ ئي ڪرڻ ۾ پنهنجي ڀلائي سمجهي ٿو.

توڙي جو اڄڪلهه هلي هو نثر جي ڪليل پٽن تي پڻ اکرن جا رنگين ٻيلا پوکي ٿو وجي...

اسان جو دوست نواز خان زئور پڻ شاعريءَ جي ساٿ سان اڳيان آيو ۽ هاڻ ته هن نثرپڻ چڱو ڀلو لکي پاڻ وٽايو آهي...

هي ڪتاب: "لاڙ لهرون، سمنڊ" سندي سنڌ ساڃاهه، چاهه، اتساهه ۽ ٻليدان جي ڀاڪارن جو پڙاڏو لڳي ٿو...

وڏي وقت کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جي سنسار ۾ هڪ اعليٰ فني، فڪري ۽ خاص قومي ماجرا ئن، مامرن ۽ مونجهارن ڪي واڪو ڪندڙ سريلو ڪتاب آيو آهي...

۽ نواز خان سان سهنڌ به ته ان ڪارڻ ئي جڙي پيو آهي نه، سوچن، سمجهن، پورن ۽ سپنن جي هڪ جهڙائي ڪري..

آس اٿئون ته هي اسان جو دل گهريو دوست سنڌ، سنڌيت، سونهن ۽ سچائيءَ جا اڻين انيڪ رنگ هوائن ۾ ڳهلائيندو ماڳ پسائيندو ۽ هڪ کان پوءِ ٻيو اهڙو ئي نوَ لکو ڪتاب سنڌي پڙهندڙن کي ارپيندو رهندو....

نئون نياپو جي ڪتابن جي باري ۾ پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪندا رهندا.

اوهانجو دوست
سنڌي انعام

# پيش لفظ

ماڻھوءَ جي ماڻھپي، انسان جي انسانيت ۽ قومن جي تهذيب جي خبر سندن ٻوليءَ مان، زبان مان پوي ٿي.

ماڻھو ڳالهائين ٿا، لکن ٿا، رڪارڊ ڪن ٿا يا ڪرائين ٿا، ۽ ماڻھو ئي اُهو ٻڌي ۽ پڙهي ڏسي ۽ سمجهي، هڪٻين جي سڃاڻپ ۽ سُڪارپ ڪي سڃاڻن ٿا. ۽ ائين ٿيندي ٿيندي، هڪٻين جي صلاح ۽ سهڪار سان، ڳڻپ کان ٻاهر صدين کان پوءِ اڄ جي حيرت ناڪ سڌاري ۽ واڌاري جي درجي تي اچي رسيا آهن. سندن زندگيءَ جي سڄي ايتري لکن سالن جي طويل سفر ۾، ٻولين جيڪو ڪارج سر انجام ڏنو آهي، اُهو منجهائن ڪنهن کان به ڳجهو ڪونهي.

جيتوڻيڪ گهٽي ڳالهائڻ يا ٿوري ڳالهائڻ لاءِ عام ائين ٿو چيو وڃي، جيئن سنڌيءَ ۾ آهي، ته، "گهڻ ڳالهائو پاڻ پڏائو". "ٿور ڳالهائو پاڻَ نماڻو ۽ سڀَ وڻائو". ۽ وري ائين به عام آهي ته ڪو گهڻو ڳالهائڻ به اهڙو دل نواز ٿئي ٿو جو چئبو آهي ته پيو ڳالهائي. ڪو ٿورو چيو به اهڙو هِنئين ٺار هوندو آهي، جو پائبو آهي ته ورهين جي رنجيده دل لاءِ گهڻوئي بلڪ تمام گهڻو آٿت ٿيو- جيئن هڪڙي ڏانهن هر ڪوئي لکندو آهي ته، "ٿورو لکيو گهڻو ڄاڻج!"

ٻوليءَ جا سگهڙ ۽ ليکڪ پنهنجي پنهنجي شهڪار لکت ٻن قسمن جي تخليق ڪن ٿا. هڪ ڪي نثر چون، ٻئي ڪي شعر. ٻنهي قسمن جا ڏار ڏار نمونا به ڪافي آهن. پر ان شمار ڪي چڏي، ايئن ئي چيو ۽ سمجهيو ويندو آهي ته لکتون وڌ هجن يا گهٽ، جي معيار ۾ اعليٰ آهن ته مانائتيون آهن- ٻنهي صورتن ۾ پڙهندڙن لاءِ املهه ۽ بي مثل ٿين ٿيون. هيءَ شعر جو ڪتاب "لاٽ، لهرون، سمنڊ" (ديگهه جي خيال کان به وڏو ئي آهي) منهنجي ٿورَ ڳالهائو فهميدي دوست نواز خان زئور جي تخليق آهي. سندن نثر جو هڪ ڪتاب "رنگ رتو آڪاس" منهنجو اڳ به پڙهيل هو. ڇهانوي

صفحن جو جنهن ۾ سندن فڪر پريا مختصر توڙي ڪجهه ڊگهيرا جملا ۽ ننڍا ننڍا اقتباس هئا. تن کي پڙهي آءٌ ڏاڍو متاثر ٿيو هوس. ان کي پڙهندي منهنجو پنهنجو ڇپايل چوندڊ مضمونن جو ڪتاب "مٺ مٺ موتين جي"- به منهنجي نظر ۾ هو ڇو ته ان ۾ هفتيوار "هدايت" ۾ آيل چونڊ مضمونن سان گڏ آخري ٻن ٽن صفحن تي منهنجا پنهنجا لکيل ننڍا وڏا جملا ۽ قول به ڇپيل هئا. ۽ مون کي خبر هئي ته خاص طرح اُهي جملا ۽ قول ڪيتري سوچ ويچار ۽ محنت کان پوءِ آءٌ لکي سگهيو هوس. سو نواز خان زئور جو اُهو سڄو سَئو کن صفحن جو فڪر پريل جملن ۽ قولن جو ڪتاب پڙهي، سندن ڏاهپ ۽ علمي لياقت تي آءٌ ڏاڍيءَ حيرت ۾ آيل هوس. ۽ جڏهن سندن شعر جو هيءُ مُسَودو پڙهڻ لاءِ مليو ته پوري ڌيان ۽ ذوق سان اهو پڙهڻ وينس، ۽ هڪ پيرو ئي نه، ٻيو پيرو لڳاتار پڙهي پورو ڪيوم.

اسان جي مادري ٻولي سنڌي بيحد هڪ پلاري ۽ پلي، محترم ۽ سگوري سرزمين آهي. ان جا سچاڻ ۽ سُلجهيل شاعر ۽ نثر نويس، اسان جو ڀاڳ آهي، جو ڄمندا، اڀرندا ۽ اُسري اسان جي فڪر ۽ جذبي جي ترجمانن طور پيدا ٿيندا ئي رهيا آهن ۽ ٿيندا ئي رهندا. هيءُ شعر جو ڪتاب، جنهن ۾ اصناف سخن جا ذري گهٽ سڀ قسم ـــ دوها، بيت، وايون، گيت، نظم، غزل ۽ ٽيڙو/هائيڪا آيل آهن، جديد دور جي ترقي پسند شاعريءَ جو وري وري پڙهڻ لائق هڪ مثالي دستاويز آهي. هيءُ اسان جي اعليٰ ادب جو اهڙو هڪ اضافو آهي، جنهن تي اسين بجا طور فخر ڪري سگهون ٿا.

پڙهندڙن ۾ اميد آهي ته اسان جي شاعر زئور جو هيءُ سڄو ڪتاب ڪين ڏاڍو وڻندو.

محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد سنڌ.
20.9.2011ع

## شاعر جي پاران

# شاعري روح کي چيري نڪرندڙ دانهن آهي

”شاعري جذبات جي اظهار جو منظوم طريقو آهي، جيڪو اسان کي پنهنجي سمجهه وڏائڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان حُسن شناسي جي سُڌ ڏئي ٿو.“

(اي سي براڊ بي)

”شاعري جو مقصد پڙهندڙ کي شديد نموني متاثر ڪرڻ آهي.“

(ايڊگر ايلن پو)

”شاعري جو ڪارج خوشي ڏيڻ آهي.“

(ورڊس ورٿ)

”شاعر فطرت جو سچو ترجمان آهي، انسانيت جو قانوندان آهي ۽ ايندڙ نسلن جي خيالن جو استاد آهي.“

(ڊاڪٽر جانسن)

دلچسپ اتفاق آهي جو جيئن ئي هن ڪتاب لاءِ پنهنجي پاران هيءَ ٻه اکر لکڻ خاطر ويٺس ئي مس ته مٿيون سٽون ڪنهن دوست پاران ڪِيسڙِي فون (موبائيل فون) ذريعي موڪليل سنيهڙي ۾ اچي وارد ٿيون آهن. جنهن عمل کي سٺو سنئوڻ سمجهندي اهي سٽون مٿي نقل ڪري، لکڻ جي شروعات ئي انهن ڪان پيو ڪريان. شاعري هوندئن ٻه هڪ اهڙو فن آهي جو ان جي باري ۾ ڪيترن ئي ماڻهن، شاعرن، اديبن، دانشورن ۽ مفڪرن پنهنجي پنهنجي حساب سان رايا پئي ڏنا آهن. جيئن هر ماڻهو جو شين کي ڏسڻ ۽ پرکڻ جو پنهنجو انداز ٿئي ٿو تيئن شاعري کي ٻه سيني ماڻهن پنهنجي پنهنجي اندازِ فڪر تحت ئي پئي سمجهيو آهي ۽ ان بابت پنهنجي ويچارن جو اظهار پئي ڪيو آهي. پر جيئن ڪو عاشق پنهنجي محبوب جي حُسن جي تشريح نه ٿو ڪري سگهي، تيئن ڪنهن

شاعر لاءِ شاعري جي تشريح پڻ بنهہ ڏکيو ۽ اٽانگو عمل آهي. گهڻ ۾ گهڻ مون جهڙي ماڻهو لاءِ تہ اها تمام ڏکي ڳالهہ ٿي وڃي ٿي. مون آڏو شاعري دل کي چيري نڪرندڙ دانهن آهي، روح جي اجهل رڙ آهي. شاعري جي تشريح انهي رڙ کي پنهنجي مٺ ۾ قابو ڪرڻ جيان آهي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ پاڻي، وارِي، رڙ سونهن ۽ شاعري کي مُٺ ۾ قابو نہ ٿو ڪري سگهجي. خير، شاعري حسن شناسي جو ذريعو بہ آهي، حسن جي سُڏ بہ اتان ملي ٿي تہ حُسن جي سَڏ بہ اِتان اُتپڻ ٿئي ٿي. اها پڙهندڙ کي سخت متاثر پڻ ڪري ٿي ۽ ان ۾ اداسي، درد توڙي خوشي ۽ مسرت جا جذبا پيدا ڪري ان کي اداسي يا خوشي پڻ عطا ڪري ٿي. شاعري فطرت جي ترجماني بہ ڪري ٿي، انسانيت سان محبت جا قاعدا بہ نرواري ٿي تہ ايندڙ نسلن جي خيالن تي بہ اثرانداز ٿيڻ جي سگهہ رکي ٿي. ڪيترائي نسل وقت ۽ زماني جي وٿي کان بالاتر ٿي ان مان مستفيض ٿين ٿا. نہ فقط ان شاعر جي قوم جا نسل، پر عظيم شاعري سڄي دنيا ۾ پنهنجي خيالن ۽ فن جو غوغاءَ پيدا ڪري ٿي. اها سڄي انسانذات جو گڏيل ورثو هجي ٿي. شاعر دکايل دلين جو ترجمان هجڻ سان گڏوگڏ پنهنجي قوم ۽ ملڪ جو سفير ۽ انسانذات جو آواز هجي ٿو. منهنجي شاعري ۾ بہ اهي ڪيفيتون، ولولا ۽ آواز ملن ٿا. تنهن هوندي بہ اهو مناسب نہ ٿو لڳيم تہ پاڻ ئي ويهي پنهنجي شاعري جي وياڪاڻ يا ڪٽ ڪجي. اهو عمل يقينن پڙهندڙن تي ئي ڇڏي ڏجي تہ گهڻو بهتر ٿيندو.

ادب ۾ منهنجي بنيادي سڃاڻپ هڪ شاعر جي حيثيت ۾ آهي. تنهن ڪري اڪثر شاعري جي نالي ۾ رندا پئي روڙيا اٿم. ان جي باوجود منهنجي شاعري ڪتابي صورت ۾ هيستائين تمام گهٽ، بلڪ ڏنو وڃي تہ نہ هجڻ جي حد تائين، شايع ٿي آهي. هيءَ منهنجي ڪوتا جو ٻيو ڪتاب آهي — لاٽ لهرون، سمنڊ. هن کان اڳ ۾ هونئن تہ منهنجا ست ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. پر انهن مان ڇهن ڪتابن جو تعلق نثر جي مختلف صنفن سان آهي. باقي صرف هڪڙو ڪتاب شاعري جو آهي — وِڄون اُتر

واءُ. ايئن تہ ليکڪ کي پنهنجي هر نئين ڪتاب جي ڇپائي سان اڻمئي خوشي پلئہ پوي ٿي، پر اڄڪلهہ سنڌي ادب جي ڇپائي جي جيڪا صورتحال آهي، انهي ۾ شاعري جي ڪتابن جا ڇاپيڪار تمام گهٽ مقدار ۾ دستياب آهن. جيتوڻيڪ شاعري جا ڪتاب اڄڪلهہ گهڻا ئا ڇپجن ۽ مارڪيٽ ۾ انهن جي چڱي خاشي کپت پڻ آهي، تنهن هوندي بہ پبلشرن کي شاعري جي ڪتابن ڇاپڻ بدران ٻين ڪتابن ڇاپڻ جو گهڻو خفت هجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن تہ هُو ڪِن ڦِت بہ پيا ڇاپيندا آهن، پر شاعري جو ڪتاب شايع ڪرڻ تي سندن روح گهٽ ئي ورندو آهي. جيڪي ڪتاب ڇپجن پيا، تن مان اڪثر تہ شاعر پاڻ پنهنجو خرچ ڪري يا سنگت ساڻ مان هِتان هُتان پَٽ سَٽ ڪري ڇپائي رهيا آهن. سو جڏهن مون کي پياري دوست ۽ نئون نياپو پبلشرس جي روح روان محترم انعام عباسي شاعري جو مجموعو سهيڙي مسودو موڪلي ڏيڻ جي آڇ ڪئي تہ پهرين تہ مون کي سندس انهي ڳالهہ تي جهٽڪ اعتبار ئي نہ پئي آيو. البت سندس بار بار اسرار تي نيٺ ايئن ڪرڻو پيو ۽ هاڻي جڏهن هيءَ مجموعو ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي رهيو آهي، تڏهن مون کي جيڪا خوشي ٿي رهي آهي، سا ڪاٿي ڪرڻ کان تمام گهڻي وڏيڪ ۽ وڏي آهي. جنهن جي لاءِ آئون انعام عباسي جو تهہ دل سان ٿورائتو آهيان. گڏوگڏ آئون وحيد حيدر زئور جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن هيءَ ڪتاب شاعري جي رجسٽر تان اتاري مسودو پنهنجن اکرن ۾ سُونهي سنواري ڏنو. مٿين دوستن جو ساٿ ۽ سهڪار جي مون کي حاصل نہ هجي ها تہ هوند هيءَ ڪتاب اڃا اوهان جي هٿن تائين پهچي نہ سگهي ها.

البت آئون جنهن انسان جو سڀ کان گهڻو شڪرگذار آهيان، اهو آهي سائين محمد ابراهيم جويو. جيڪو اڄ بہ پيرسني، ڪمزوري ۽ هيڻائيءَ جي هوندي بہ پنهنجون مصروفيتون جاري رکيو اچي. هو ادبي ۽ سياسي سماجي مصروفيتن سان گڏوگڏ لکڻ پڙهڻ جو عمل پڻ بخوبي جاري رکيو اچي. ساڻس ملي مون کي سائين جي. ايم. سيد ياد ايندو آهي، جيڪو هيڻن هڏڙن جي باوجود عمل ۽ اتساهہ جي تمثيل بڻيل هيو. اهڙوئي اتساهہ مون کي سائين محمد ابراهيم جويي سان ملڻ ڪانپوءِ ملندو آهي. اڃا بہ ايئن چوڻ صحيح

ٿيندو تہ هو سچي سنڌ لاءِ آت اتساهہ ۽ ان جي روشن آئيندي ۾ اٽُٽ ويساهہ جو ڪارڻ آهي. هو ٿي واحد دانشور آهي، جنهن سنڌ جي مختلف پارٽين پاران ڪجهہ وقت اڳ جڙيل هڪ اتحاد (ايس ڪيو آءِ) جي موقعي تي چيو هيو تہ هي اتحاد اڪيلي نقطي تحت جڙڻ کپي، جيڪو نقطو سنڌ جي آزادي هجڻ گهرجي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ نہ اهي سڀ اڳواڻ سنڌ وادي هئا ۽ نہ ئي آزادي انهن جي اوليت هئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو نہ اهو اتحاد هلي سگهيو نہ ڪي مقصد ماڻي سگهيو ۽ نہ ئي سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ ڪي اهم اضافا ڪري سگهيو. غلام ملڪ جي سياست (۽ پڻ ادب) جو آدرش آزادي ڪانسواءِ پيلا ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ ۽ قومي آزادي ڪانسواءِ ٻي ڪهڙي سياست ان جي ڦٽن جي مرهم ٿي سگهي ٿي؟ ان ڪري جڏهن اهو اتحاد آزادي جي نقطي ڏانهن نہ آيو تہ اڳتي هلي جويو صاحب بہ ان کان گهٽو پاسيرو ٿي ويو. سنڌ جي آزادي سان سندس اهو عشق مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. سنڌ جي مست الست فقير ۽ عاشق جناب محمد امين خان کوسي ۽ رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي ڪانپوءِ هو ٿي آهي، جيڪو سائين جي ـ ايم ـ سيد کي منهنجو سيد اعظم ڪري لکندو آهي. "فڪر جي آزادي"، "انقلابِ فرانس"، "سنڌ منهنجي خوابن جي"، "علم تدريس مظلومن لاءِ" ۽ "هوءَ جا تمڪي باهڙي" جهڙن ۽ سندس اهڙن ڪن ٻين لازوال ڪتابن کان وٺي سندس هِنن دلربا ادائن تائين هو لاڳيتو اسان جي دل ۾ رهندو اچي. منهنجي وڏي خواهش هئي تہ آئون ڪانئس پنهنجي ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ لکرايان. سنڌيءَ ۾ اڄ تائين اهڙو ڪو مهاڳ نہ لکيو ويو آهي، جهڙا مهاڳ هن شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيا آهن. سو منهنجي بہ وڏي ڪلپنا هئي تہ جويو صاحب منهنجي ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ لکي. جيتوڻيڪ مون سال کن اڳي کيس منهنجي هڪ لکت هيٺ سياسي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ عرض ڪيو هو (جيڪو ڪتاب اجا اُتي ئي آهي)، جنهن جي هن هامي ڀري هئي. پر جڏهن هيءَ ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آيو تہ مون سوچيو تہ هو ڪتاب خبر ناهي تہ ڪڏهن مڪمل ٿئي ۽ ڪڏهن ڇپجي. ان ڪري هِن ڪتاب جو مسودو کڻي وٽس حاضر ٿيس. آئون سائين جو نهايت ئي ٿورائتو آهيان، جو پاڻ منهنجي شاعري جي هن ڪتاب "لاڙ لهرون، سمنڊ" جو نہ صرف مهاڳ لکي ڏنائون، پر شاعري جي پڻ ڪافي حد تائين اصلاح

ڪيائون ۽ اهڙيون بهتر ۽ مفيد صلاحون ڏنائون. جن جي ڪري مون جهڙي خام انسان جي شاعري ۾ وڌيڪ بهتري اچي سگهي آهي. جي هيءَ شاعري روح جي اجهل رڙ آهي، تہ هُن جي سُوڌ سنوار انهيءَ رڙ ۾ نئون سوز پيدا ڪيو آهي. سچ ڪَ هن ڪي ٿورن جي ادائيگي لاءِ مون ڪي اهڙن حرفن جي ڳولا ڪرڻي پوندي، جيڪي سندس قرض لاهي سگهن. پر آئون هيءَ قرض لهڻ جهڙا نہ ٿو سمجهان. ڪي ڪي قرض اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪر سڄي ڄمار چڙهيل ئي هجن تہ بهتر آهي.

جيتريقدر هن شاعري ۽ پڙهندڙ جو تعلق آهي تہ مون کي اِن باري ۾ نہ تہ ڪجهہ لکڻ جي ضرورت آهي ۽ نہ ئي اڳواٽ ڪنهن ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي. ڇو تہ اِهو دل جو تعلق هجي ٿو. اکين جي ڏور ۾ ٻڌل اهو تعلق نہ زبردستي جُڙي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن جي ٽوڙڻ سان ٽُٽي سگهي ٿو. اهو ڳانڍاپو هر پاڙهُو کي پاڻ جوڙڻو آهي. جيتري هن شاعري ۾ سگهہ هوندي ۽ جيتري ئي پاڙهو ۾ دل جي بينائي هوندي، اوتري ئي سطح تي هي تعلق پنهنجي جڳهہ ٺاهيندو. آئون رڳو ايترو عرض ڪري ٿو چڏيان تہ جيڪڏهن ڪنهن پڙهندڙ پنهنجي راءِ ڪان مون کي آگاهہ ڪيو تہ اها ڳالهہ مون لاءِ سَرهائي جو سبب بڻجندي. شايد هر انسان ان باري ۾ ڄاڻڻ گهرندو آهي تہ سندس محنت ڪيتري قدر ساب پيئي آهي.

آئون پنهنجو هيءَ ڪوتا ڪتاب شهيدن جي نالي ڪندي ۽ سنڌ جي حضور ۾ پيش ڪندي ڪيفيتن جي جنهن اٿاهہ گهرائيءَ ۾ آهيان، اُها اهلِ دل انسانن جو ئي خاصو هوندي آهي. جيڪا ڳالهہ منهنجي لاءِ اهم روحي اثاثي جو ڳي ۽ وڏي مرڪ لائق آهي.

نواز خان زئور

8 نومبر 2011ع

ڳوٺ احمد خان زئور،
ميرپور بٺورو ضلعو ٺٽو.
03003785331
nkzaor@yahoo.com

# ييت

سمنڊ چڙهي آڪاش، ڪيڏا تارن ترورا!
جادو آهي جر ۾، ماڻهوءَ سونهن تلاش،
ڌرتي چڙهي تہ فراش، اُن تي ڦلڙيون اپ جون.

لاڙُ لهرون، سمنڊُ، ڇاڇا سِرجي جيءَ ۾،
ايريو متانهہ چنڊ، ڪيتي بندر راتڙي.

لاڙ لهرون، سمنڊ، ڪهڙا سپنا سڙهہ جا؟
ڪهڙو آهي ڦنڊ؟ ساموندڪي سنگ ۾.

لاڙ لهرون، سمنڊ، ڇاڇا سپنا ساهہ جا،
پيڙيءَ متان چنڊ، مون سان مرڪي تو پيو.

لاڙ لهرون، سمنڊ، سندر سپنا سونهن جا،
منهنجي مَنَ گهمنڊ، آهي تنهنجي پيار جو.

لاڙ لهرون، سمنڊُ، ڪيتي بندرَ راتڙيْ،
ايري متان چنڊُ، جرڪائي ويو جيءَ کي.

اڌري وجهي تي پاڇو ڪونج ترائيءَ تي،
جڳ جڳ جو جادو آ، سانجهيءَ ويلا کي.
ڪيڏيءَ لاڙ متي، سونهن وسي تي سانورا!

آنءُ اتر، ڪاڇو لاڙ مان ئي سرو ۽ تر،
مون کان ڇا لئہ ساڙ سرتا! توکي تو ٺئي.

ڀهراڙيون ڀهڪيون، سرنهن جي ڦولار ۾،
پاٽياريون مهڪيون، چولا ڇهتا ارهہ سان.

ڀهراڙيون ڀهڪن، آئي مند ملهار جي،
چانڊوڪيون ڇهڪن، ايري هر هڪ ڳوٺ تي.

ڪيت لڏن ٿا واءُ ۾ ٻهراڙي ٻهڪي،
هارياڻي لهڪي، ڏسي ڪانڌُ قرار ۾.

سانجهي، سُپنا سُرمئي، ناوَ درياهہ تِڪ،
ڪيڏي سهڻي ڏِک. سنڌوءَ هر هڪ جاءِ تان.

اُٿ! پرهہ جي هير ۾ پکي ٿا ٻولين،
راز پيا کولين، اڄ ڄاتي اسرار جا.

ڪيڏانهن ڪاهي ٿو هي ڪارو ڪارونيار؟
ساري سپ ڄمار ماڻهو هلي ٿو هيڪلو.

ڪيڏي پُراسرار آهي شفق اڀ ۾،
ڪنهن ڀي ڄاتا ڪينڪي، پرانهين جا پار،
کهڙي هيءَ تنوار؟ مَنُ وجهي ٿي مونجهہ ۾.

سانجهي، درد، اڪيلائي، ڪيڏو هاڻ اداس،
آهي هلڪيءَ هير ۾ ڄڻ تہ تنهنجو واس،
روح نہ اچي راس، ڪا ڪا ويلا هيڪلي.

دل مچي ئي ڪانہ ٿي، آئون ڪريان ڇا،
جبل جا پاڇا، مون کي چڪيو ٿا وِڇن.

ڀَنَ ڇڻَ جي شام، ٿڌڙي واهوندِي،
ٻڏي وئي اڀ ۾ سورج سندي لام،
شفق اڄ سلام آندا ڀَرئين پار کان.

هاڻي مَڌُ مچي وئي، اچو پياڪو!
موکيءَ نياپو مُنجيو آهي ناز سان.

ڪيسين لنوائيندين، آنءُ تہ ڪوئي سڌ هان،
نيٺ ورنائيندين، ڪري پڙاڏا ڏيهہ ۾.

توکي پائي مون پرين! سڀ ڪجهہ پاتو آ،
هاڻي ڄاتو آ، جيون جي هر راز کي.

مون مان منهنجي "مون"، هاڻي ويندي ٿي رهي،
جوين ساٿوڻ ڏينهڙا، توسان گهاريا سون،
چئني طرفين تون، هاڻي مون کي ٿي ملين.

دنيا جي وهنوار کي، ڪيسين ٿڏيندين!؟
گوندر گڏيندين، ڪيسين پنهنجي جيءَ کي!؟

جڏهن آئون تباهہ، ٿيس تولئہ سنڌڙي!
دوستن وجي ٿاهہ، منهنجي ويرين سين ڪيو.

ڪيڏو جيءُ اداس، ڪيڏي اڪيلائي!
ايڏي پيلائي، اڙي وقت، اسان مٿان!

تنهنجو هٿ ڇهاءُ، واسي ويو وجود کي،
سارو وقت سرير ۾، ڇڻ ڪو هير هڳاءُ،
اڄا تائين لڳاءُ، ڪيڏو توسان ڪامڻي!

آيا ڏنار ڏڻ، ڪاهي شاخ ڪنڌيءَ تي،
تالهيون ڇاڻي ڇڏيون، ڇبر جي پن ڇڻ،
پاڻي توڙي وڻ، آهن اڄ ڏڪار ۾.

ننڊ اکين جي مٿان، هٿ گهمائي ٿي،
جيئن پرچائي ٿي، ماءُ پنهنجو ٻارڙو.

پاڻي ڀوري ۾، ايئن چمي ٿو چنڊ کي،
جهٽڪ ٻنوري ۾، مون کي ساريو پيو وڃي.

ڀوري ناري ۾، آنءُ چيو: ترسي پوان،
چنڊ ڪاري ۾، جيئن آهلجي ٿو پوي.

ڪلانگر ۾ ٻيڙيون، صبح سمي جو
حسن نظاري جو موهي ويو دلڙي

هاءِ! هيڪل سانجهه، وئي ولوڙي من کي،
ڪائي ڳالهه اڳانجهه، اُبري آئي اوچتي.

اڏ ۾ ٽڪائي وجهين، مون کي سنڌ! متان!
تنهنجي قسمت مان، تڙي ڪڍان شل انڌ کي.

منهنجي منٽي هٿ، سيدا! رک سپاجهڙا،
جيئڻ هي ٽَنل رَٿ، اجا ٻي اڳتي هلي.

مري پيو ٽوڪان، ڏار نه ٽيندس سنڌڙي!
ور ور ايندس مان، سرنهن جي ڦولار ۾.

هاڻي ننڊ اچي پئي، ڇڏ ته آئون وڃان،
سپني ۾ سپرينءَ کان، پيرو ڪيئن ته پڇان،
پنهنجو روح سڄان، ڇُهي پارس پيار جو.

آڪيرا پترن اوٽ ۾ اچي آڏيا ٽيٽيهرَ،
رونبو پارَ ولرَ، آنا ڳوليس ريج ۾.

هي روپهريون راتڙيون، تن ۾ تند تنوار
ڪهڙي شمع آ پري، روشن آ سنسار
ڪيڏو ان سان پيار، آهه خدا جي اک ۾.

وئين تون واسي، سيدا سچي ديس کي،
اجا پيئي پاسي، تنهنجي خوشبو سنڌ ۾.

آمرَ اوندي بوٽ سان، ڪِري تڙجي ويا،
آزاد ٿي اُبريا، عوام اوچي ڳاٽ سان.

چانڊوڪيءَ ۾ ڳوٺڙا، ڏاڍا وڻن ٿا،
ڪنهن ڪٺن ٿا، مون کي هر ڪنهن شهر مان.

هاريءَ سوچيو: "هيل ٿيو فصل پليرو"
مِٽي آيس مُڪ تي، چوڻ ته سويرو،
اڄي وڏيرو سارو کيت کٽي ويو.

اڳي ڪڏهن ڪانه هئي، ايڏي سنڌ اداس!
اڄ ڏس آهي ڪيتري، سنڌو هوندي پياس،
آزادي جي آس، نيئڙ ٽوڙيون جبر جا.

چنڊ! هلين ٿو ناوَ سان، ڪيڏانهن ڊوڙي تون؟
پڇي نه سگهندين مون، منهنجي منزل ڏور آ.

ڪيسيتائين تون، مون کي لنوائيندين!؟
مون ۾ پائيندين، نيٺ ته پنهنجو پاڻ کي.

ڏس ته ڪٺن ٿيون ساهه، پنکڙيون گلابن جون،
اڏري جن مان مهڪون، واسين ساري جُوءِ کي.

طبقاتي ۽ قومي، جبر کي ڊاهيون،
بيهر پوءِ ٺاهيون، سهڻو هن سنسار کي.

پاڪرين پري ٿو پڳو ٿوڙو درياهه کي،
۽ سنڌو چمي ٿو جهڪي پير پهاڙ جا.

آ ڪڏهن نڪرانو ڪڏهن آهه پهاڙ جيئن،
ڪڏهن آڳ الاءِ آ، ۽ ڪڏهن پاٽيانو
جيوَن چئو واٿو آهي هر ڪنهن هانوَ سان.

ڪِراڙ ڪنڌيءَ تي ڪيترا، ڪنول ڦلاريا،
ڏيئڙا ٻاريا، صديون جرڪي شاعريءَ.

ڪينجهر ڪنڌيءَ تي، ٽڙيا نيل ڪنول،
جڻ تہ نوريءَ ڳلَ، جرڪن پيا جر مٿان.

پنهنجو پٽڙو ننڊ ۾ ڪيئن تون ڇڏين ٿو
ڪيڏانهن وڃين ٿو گوتم! آڌيءَ رات جو.

ڪپل وستو ۾ هيو ڇا رڳو ئي ڏکُ،
ڇا ڪوئي سُکُ، ڪڏهن تو ڪونہ ڏٺو؟!

جيئن تو چاهيو هو ايئن نہ ٿيو ڳانڌي!
اڃا تائين آنڌي، آهي بر صغير تي.

اڃا ننڍيو ڪنڊ، آهي اونداهو
ڪونهي ڪرَلاهو هاڻي ڪو بہ ان جو.

ترڪ ڪري وئين اوچتو تون ڇالءِ اميري،
آ فقط فقيري، ذريعو ڪنهن نجات جو؟!

ڪيڏي ڏُور اڏار ڪيَئي، اي پکي پرڏيهي!
ڇا سنڌڙي جيهي، ڪانهي ڪا بہ پناھہ ٻي!؟

ڇا جي لاءِ حوَسَ، نہ ٿو وڃي ماڻهوءَ مان،
توڙي سارا ڳسَ، خالي هٿين ڪاٽڻا.

آهي سارو جڳُ هي، جڻ تہ ڪائي ڪباڙَ
پورو ڏينهن لباڙَ پوءِ بہ ماڻهو ٿا هڻن!

وِڙِ ڪنيا جيئن شاعري، جنهن کي چاهي ٿي،
تنهن کي ڊاهي ٿي، ڪجهہ پلَ ڏيئي قرار جا.

مڌُ ڪنيا جيئن شاعري، جنهن کي چاهي ٿي،
تنهن کي ٺاهي ٿي، عمر ير ڏئي ارپنا.

مَڏُ تـوڙي وِش ڪـنـيـا، مـون لـئـہ سـاڳـي شـاعـري،
ڊاهي ٺاهي ٿي وري، مون کي پنهنجي پيار سان.

وِش ڪـنـيـا تـوڙي مَڏَ، مـون لـئـہ سـاڳـي شـاعـري،
پـيـهـر جـوڙي ٿـي ڇـڏي، هـيـڪـر ڪـري مـون اڏَ،
ان سـرڪـيءَ جـي سـڏَ، آهـہ سـمـائـي سـاهـہ ۾.

شـعـر اچـن ٿـا هـانـوَ تـي، پـکـي جـيـئـن آڪـاس،
انـدر جـا احـسـاس، جـهـرمـر لاتـي شـاعـريءَ.

شـعـر تـرن هـانـوَ تـي، پـکـي جـيـئـن آڪـاس،
اڏائـــا احـســـاس، ولـــر ڪـــري واءَ ۾.

نـفـرت ۾ تـون پـاڻ کـي، ڇـا لـئـہ وڃـائـيـن ٿـو
ڪجهہ بہ تہ نہ پائين ٿو پيچرا ڇڏي پيار جا.

ڇـڻ تـہ ڏئـي ويـو سـنـڌ کـي، ڇـوڏاري لـوڙهـو
جـاڳـي ٿـو پـوڙهـو اڄ بـہ پـنـهـنـجـي فـڪـر ۾.

تـوکـي شـاهـہ لـطـيـف! اڄ بـہ سـاريـون ٿـا،
وچـنَ پـاريـون ٿـا، اسـيـن سـدا ديـس سـان.

ڏس! چمڪن ٿا چنڊ جان، منهنجا ساراگهاءَ،
پـنـهـنـجـا پـوءِ بـہ لڳـاءَ، گـهـرا آهـن سـچ سـان.

پـکـي اڏامـن ٿـا مـٿـان، اڄ عـلـي بـنـدر تـي،
ڇانوءَ تـي وئـي جـر تـي، وڳـر گـهـاٽـا جـهـڙ جـيـئـن.

جـڳ مـڙيـوئـي نـرواڻ آ، ڇـا ٿـو ڳـولـيـن تـون،
سوچون "اڪيتي" جون، ڪڏهن اجايون ٿيون لڳن.

آهن ڪيڏيون واءَ ۾، ڳالهيون سمايل،
ماڻهو هي پاڳل، ڪجهه به سمجهن ڪين ٿا.

ڪيئن جڪڙجي ٿيون وڃن، اڪڙيون اڪڙين سان،
ڪهڙي تن ۾ نينڊ آ، جنم جنم ڪان،
ڇا تيون ڪنهن نه اڃا، ڪڙيون هن زنجير جون.

خوشبو آهي واءَ ۾، لڳ ڏُئي پَئِي ڪير؟
آئي آهه سوير، چوڏو چندن ڇِڪ ڪري.

ڪيڏي پري ٿي وڃي، ماڻهو سندي نگاهه،
صديون ڪٽن ٿيون ساهه ڪنهن ڪنهن اک نهار ۾.

اڄ ته چڙهُ آڪاش، آهي ڪنهن جي سوڳ ۾،
تارو تارو لاشُ، غائب ساري روشني.

ڪنهن هيءَ پرت پريو آ، چولو سڄو ڦلڙيون،
تارا، تِر، ترو ڪڙيون، آهن جيئن آڪاس ۾.

ڪوهَه نِدا جيئن اڪڙيون، آهن پرينءَ جون،
مون کي سڏين ٿيون، پاڻ هه منجهان پاڻ ڏي.

ڳالهيون ڳهلي لوڪ جون، ڪيسين سارينديون،
ڪيسين وارينديون، ڏڪڙا پنهنجي جيءَ تي.

ڇا جي لاءِ تياڳ؟ جڳ ته هونئن ئي مڪتي،
ڪڏهن توڙي ٿو وڃهي، ماڻهو ڪي ويراڳ،
تنهن جي هٿ آ واڳ، جيڏانهن چاهين موڙ تون.

توڙي جونو آ ته پي، مڪتي مون لئه جڳ،
واريا سي تي وڳ، ڇا ته وڻي ٿي چاندني!

مڪتي آ، نہ ماڻهوءَ لئہ، هاڻي ڪو بہ تياڳ،
آئيندي جي اک ۾، آهي پنهنجو ڀاڳ،
جِيوَن سندو لاڳ، آهہ رڳو جاڪوڙ ۾.

سک نہ آندو سنڌڙي، تولئہ ورهاڱي،
تنهنجي هر ڀاڱي، ريلا آهن رتَ جا.

ڪهڙي ڪائنات، آهي ماڻهوءَ من ۾!؟
ڪڏهين اُن ۾ شور آ، ڪڏهين چپ چپات،
ساري جڙ تہ حيات، اونهو ڪو اسرار آ.

هونئن ئي جلترنگ وڄن، اُن جي لوليءَ تي،
سنڌي ٻوليءَ تي، پرت جيان هي شاعري.

ماڻهوآهي مطلبي، شاعر سچ ٿا چُونِ،
"هوندن متي هُونِ، لاڳاپا هن لوڪ جا."

لاڳاپا هن لوڪ جا، ڪم نہ اچن ٿا،
چڏي وڃن ٿا، ماڻهو ڏکيءَ ويل ۾.

لاڳاپا هن لوڪ جا، اڻپورا آهين،
پوءِ بہ ٿا چاهين، ماڻهو ڪنهن جي ساٿ کي.

وهنجي پيئي واهہ ۾، لٿا هوءَ لاهي،
خوشبو ڦهلائي، جيئن ڏوئي تي انگڙا.

نينگرُ روئندو ماءُ جي، وڃي پيو پويان،
ڏاڍي هيج منجهان، ڏسن ٻنهي کي چيلڙيون.

ڦيرا ڏيئي ٻنيءَ ۾، لٿو روهاڪي،
شڪاريءَ مرڪي، ڏٺو پنهنجي چار کي.

ڳرڳن پيون ڪونجڙيون، اتر لڳو آهه،
ساري توکي ساهه، ڪڏهن ايندين اي پرين!؟

ڪنهن لئه پرائي بادلو آيو آهين تون،
ڇوڪريون شهر جون ٿيون ڪٿي سمجهن پرت کي.

ويهي انب جي لام تي، ڪويل ڪوڪي ٿي،
جن ته ڦوڪي ٿي، جادو اسر ويل ۾.

کيت لڏن ٿا واءُ ۾، ڦهلي ڦول ڦلار،
پاٽياريون جا پيار، جاڳيا آهن جيءَ ۾.

لهر ڪري وئي خوشبو ڊوئي پاٽيءَ انگ،
ڍئونرا پهتا سنگ، سڱنڌ سمجهي گل جي.

ڪامڻ مرڪي ڪالهه، ويئي لتاڙي گهٽيون،
اجا اُن جي ڳالهه، ڇورن منجهه ڇُلي پئِي.

ڪامڻي مرڪي ڪالهه، ويئي اکري ڳليون،
ڏڙڪيون ڪجهه دليون، ڏسي روپ سروپ کي.

تتڙُ نڪتو سَرَ مان، ڪنهن کي ڳولڻ لئه؟
ڪنهن جي ٻولڻ لئه، پاڻ وڏائين چار ۾!؟

مور ٿَهوڪيو مينهن ۾، ڊيل ڪنيا پئي پَر،
سرم ڪاريهر، چَپ هٽي ويٺو رهيو.

ڪيڏا ڪارايل، رنگ پکيڙيا ريت تي،
ڇڻ ته ڪا پايل، سونهن وڃائي سيج ۾.

هئي ڪامڻي پير ۾، ڇن ته ڪا پايل،
ڪيڏا ڪارايل، رات ٺهوڪا ٻن ۾.

رات ٿـهـوڪـا ٻـن ۾، ڪـيـا ڪـارايـلَ،
اڀ مـٿـان بـادلَ، پـرجـي آيـا مـيـنـهـن سـان.

اڇـي ويـنـا ٻـنـڌ تـي، ڳـهـر مـنـجـهـان ڳـيـرا،
ڪـارتـوسـي ڇـيـرا، ٻـن ٽـن کـي ڪـيـري ويـا.

سـانـوڻ ڪـري اوڙڪـون، آيـو آهـه مـٿـانءَ،
ٿـمـي پـيـو اوچـتـو پـاڻـي ڇـت مـنـجـهـانءَ،
ڦـڙن لاءِ ٿـانءَ، آڻـي رکـيـا نـيـنـگـريءَ.

واريـاسـي ۾ مـور جـيـئـن، ڪـڏهـن نـچـن ٿـيـون،
پانءِ نہ اچن ٿيون، ڪـڏهـن گـهـڙيـون وصـال جـون.

سـويـن مـاڻـهـن وچ ۾، ڪـڏهـن مـن ويـاڪـل،
ڪـڏهـن پـر هـيـڪـل، پـاڪـرن ۾ سِـرشـتـي.

ڪـڏهـن ويـرانـي، مـن گـهـري ٿـو چـاهـه مـان،
تـوڙي اڳـيـان هـجـي ڪـٽـي، دل گـهـريـو جـانـي،
ڪـڏهـن ٿـئـي ٿـي بـوج جـيـئـن، ساري يـارانـي،
جـيءَ جـي جـولانـي، آهـي سـدا دريـاهـه جـيـئـن.

اڇـــي کـــري ۾ لـــتـــا، ڊاڻـــا چـڳـــڻ جـــي،
تـنـيـن پـکـيـن کـي، تـون مـٿـان وجـهـيـن ڍيـيـون.

آکـــيـــري جـــي اوٽ ۾، ٻـــچـــا چـڳـــائـــي،
پـکـيـن جـڳـائـي، دعـوا مـمـتـا مـوهـه جـي.

لـهـي لـهـي ڪـانـہ تـي، هـيءَ ڪـهـڙي آهـي اُچ؟
پـرتـان تـجـلا پـاڻـيءَ جـا، سـونـهـن نـرالـي سـچ،
عشـق مـڙيـوئـي رچ، ڪـونـهـي قـلـب قـرار ۾.

مڙيون گلن تي اچي، مکيون ماکي جون،
ٻار ڪري ٽوليون، وجن پيا جهنگ ڏي

سانجهيءَ جو بيٺا جڏهن، سارو ڏينهن وسي،
ويا سرمئي بادل ٿي، نکريو رنگ اڀ جو.

آهن منهنجا بيتڙا، اڀ تي اندلٺ جان،
جنهن جي رنگن مان، جرڪي ٿي هيءَ سرشٽي.

ڦهلائين ٿا خوشبو هي جي منهنجا بيت،
چڙ تہ سرنهن جا کيت، هجن ڦول ڦلار ۾.

سامونڊي لهرن جيئن، سدائين بيقرار،
چڙهاءُ ۽ اتار آهي پنهنجي شاعري.

هر هڪ وَٽَ ولهار جِي، اجري ٿي آ پئي،
سارو ڏينهن وسِي، ڌوئي ويو آڪاس کي.

متان ڀانئين بيت جو دامن تون سوڙهو،
چوڏاري لوڙهو آهي ٻولي ڳوٺ کي.

ڪيڏو ڪشادو پاند پنهنجي بيت جو
ان جو احاطو آهي ساري سرشٽي.

تون متان ترائيل، ڀيٽين پنهنجي بيت سان،
ٿي اچي جنهن منجهان، سڳنڌ سرنهن کيت جي.

متان تون سانيٽ، ڀيٽين پنهنجي بيت سان،
چانڊوڪيون ۽ چيٽ، جَڙيل جنهن جي جيءَ ۾.

مٿيرو سانيٽ، متان بيتن کان ڪرين،
چانڊوڪيون ۽ چيٽ، اوچيون هر هڪ چيز تي.

متي ترائيل، متان بيتن کان ڪرين،
ڪڏهن ابابيل، مٽ نہ آهي مورُ جو.

جوار پاڻا جيئن، پنيون پوڙي تي،
رت ولوڙي تي، ڪڏهن ڪڏهن شاعري.

چانڊوڪي جيئن سمنڊ ۾ ايري، گرجي تي،
ايئن سرجي تي، ساگر جهڙي شاعري.

بيهي اڱڻ اوٽ تي، ڏسن تيون مايون،
چانيون سرهايون، ڪونجون ڪرڪن ڪوٽ تي.

مادي چيخي تي پئي، ڏسي نر قاتل،
شڪاريءَ قاتل، قاسايو آچيخلو.

هونئن تہ ڪوئي سونهن جو سَنڌو نڪي سيڙهو
پر سنڌي عورت جو مٽ نہ ڪائي ڪامڻي.

مٽ نہ ڪائي ڪامڻي، سنڌي عورت جو
هونئن تہ فطرت جو هر ڪا منڊ شهڪار آ.

جهڙي سنڌي ڪامڻي، ٻيءَ نہ تهڙو واس،
هونئن تہ گهرَڙي پياس، آهي استري پرش جي.

چڪورَ چاهہ چنڊ سان، ايئن ڊوڙي تو
چڙ تہ جوڙي تو آڪيرو آڪاش ۾.

گانڌيا اج بہ گوليون، آهن آدمزاد تي،
ٻاجهاريون ٻوليون، گم تي ويون ڪنهن شور ۾.

سچلا توجيئن ڪير، سچ ڳالهائي ئي نہ تو
چانيو آهہ انڌير، هاڻي تنهنجي ديس تي.

شاهہ عنايتا جهوڪ ۾، گهرجين ٿو تون اڄ،
هارياڻين جي لڄ، هاڻ بہ ٽُنهنجي آسري.

شاهہ عنايتا سنڌ تي، توکي سيني لائي،
"جوکيڙي سوڪائي"، راهہ ڏَسي وئين ديس کي.

جيئڻ وئين شهيد ٿي، شاهہ عنايت تون،
هي ٻنيون سنڌ جون، ويون ڇڙ تہ يتيم ٿي.

شاهہ عنايتا تنهنجا، صوفي سڀ سمهي پيا،
سٌنڌڙيءَ جا سڏڪا، هاڻي ڪير ٻڌي نہ ٿو.

شاهہ عنايتُ رت جي، ڇڏي ويو خوشبوءِ،
واسي ساري جُوءِ، نئين فڪر جي جوت سان.

ساري پيئي سنڌ، مخدوم بلاول کي،
گهاڻي گهڙندا جي، سيئي ماڻين ماڳ کي.

بلاول! اڄ بہ سنڌ ۾، ڪيئي گهاڻا هِن،
پيڙيا آهن جن، ڪيئي گهوٽ ملوڪڙا.

مياڻيءَ منجهہ گهمي پيو هوشو! تنهنجو هاڻ،
اِجها ڇانئي ڇاڻ، آزاديءَ جي سنڌ تي.

منو امان، ذڪريا، انور ۽ مالڪ،
ٻوڙيا سڀ پالڪ، آزاديءَ جي راهہ تي.

سيدا توکي سنڌ، صديون سارينديءَ،
پاڻُ جيارينديءَ، آزاديءَ جي خواب ۾.

"ڪارونجهر جي ڪور مرين تہ بہ نہ وسارئين،
چوٽيءَ ٿهوڪي مور ڏونگر ڏِيئي جيئڻ ٻري."

ڌرتيءَ تي جنت جيئن آ، ڪارونجهر جي ڪور،
چوٽيءَ ٿهوڪيو مور، جادو ٿي وئي ماٽري،

ڪارونجهر جي ڪور تي، اڄ بہ ماري ٿا ڦرن،
سارا مور سارِن، روئي ٿوڪي روپلا!

ڪارونجهر جي ڪور تي، اڄ بہ ورديءَ وارا،
واريءَ جا چارا، سارين ٿوڪي روپلا!

هيمون! انگريزن، توکي ڦاهيءَ چاڙهيو
پر تنهنجو جيوَن، ٿي وئي ساري سنڌڙي،

آهي ڪٿ انگريزُ اڄ هن برصغير ۾!؟
هيمون! تون رنگريزُ آنديئي پارَ پرهہ جا.

ويندا مليا ميٽ ٿي، سيئي ”سپر پاور“
سڀ قومون برابر، آهن ڌرتيءَ جي مٿان.

سورج آهي سنڌ جو دولهہ دريا خان،
پڌرا ٿيا نشان، آزاديءَ جي باک جا.

صالح! تو زبان، سنڌيءَ لاءِ ڪٽائي ڇڏي،
هينئين هنيائي ڇڏي، اسان تنهنجي ٻولڙي،

ڄام نظام سنڌ کي، ٿاهي ويو جيئن،
سيئي سنڌي تيئن، ٿاهين شل هن ديس کي.

ڄام نظام سنڌ جو جوڙڻهار ٿيو
ڪوئي ناهہ پيو ثاني اُن جو صديون.

مخدوم بلاول آ، اڄ پي گهاڻي ۾،
اڄ پي ٿاڻي ۾، ماڻهو چچريا ٿا وڃن.

اجا آهن سنڌ تي، سوين راتاها،
گوليون ۽ ڦاها، هر هڪ سرڪش ڳاٽ لئہ.

جام تماچي جيئن تون، چاهين نوريءَ کي،
ايڏي دوريءَ کي، شال بنائين ويجهڙو!

اٿڻ آهي ايتري، منهنجن سپنن کي،
جيئن ٿي رات ٿئي، مون سان ڪن ٿا ڳالهڙيون.

ڇري دلڙي! ڪيترا، دوکا ڪاڏا ٿئي،
پوءِ بہ اجا تون پئي، سوچين نئين پيار لئہ!

اڄ نہ ڪائي ڪاڪ آ، نہ ڪائي نينهَن اڇل،
پوءِ بہ آ منزل، منهن موڙيون ڪيئن پيار کان!؟

سنڌ يونورسٽيءَ ۾، آئي آهہ نئين،
پر هوءَ ناهہ نئين، پاليو اٿس پيار کي.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، آئي آهہ نئين،
نگاهہ نہ وڏئين، پر ۾ ها ڪجهہ ڇوڪرا.

پرٽ ٽِڪن تي، ڪيڏو نهي ٿو
جڻ تہ ڪَهي ٿو ڪهاڻي پيار جي!

مُکي تي هي پرت ۾، سونُ پريو آ،
يا هي وريو آ، جوين تنهنجي بت تي!؟

جامشوري ۾ ٻرن پيا ٽهڪڙا،
جڻ هندوري ۾، سونهَن لُڏي ٿي پئي.

دوستَ نہ پنهنجي دوست جو دک سمجهي ٿو
خفا ٿئي ٿو اکڙين ۾ لڙِڪن کي ڏسي.

ڇا آهن بدلجي ويون، تنهنجون نهارون!؟
تڏهن ميارون، هر هر مون کي ٿو مُنجين!

ڪنوَلن وچان ڏنڊ ۾، تري ويون بدڪون،
پاڻيءَ ۾ ليڪون، اڀريون ٿوريءَ دير لئه.

اڌ رات، سيارو مچُ، ڳوٺاڻي ڪچهري،
ڏاهپ ڀريا سچُ، سون ورنيون ڳالهڙيون.

زلف کولي واءَ ۾، ڪير وڃي پيئي هوءَ،
وارن جي خوشبوءَ، ڇڪي پيئي پاڻ ڏي.

ڏسين ٿي مون کي، ڪٽي نيڻ ننڍاڪڙا،
چڙ ته نينهن نشا، مون کي چاڙهي ٿي وڃين.

آئي آهه مزار تي، ڳاڙها گل ڪٽي،
ويئي آهه وٽي، پرسان ٻيتل ڇوڪريَ.

آئي آهه مزار تي، ڪٽي ڳاڙها گل،
من ۾ متل هُل، ڪهڙو ٿس، ڇاتي گهري؟

کهڙي آهه ڪلالَ، سرڪي آندي منڊُ جي،
پياڪ ڪٽي پيرڙا، ڊوڙيا منجهه جلال،
اکيون ٻڌائين حال، ٻنجي من جي آرسي.

آٽي اتر واءَ وڏو جهوراٽي ۾ جِي،
ڪائي سار لٿي، ڦيرو ڏئي پکيءَ جيان.

جرڪن ٿا آڪاش ۾، لکين ستارا،
ڪيڏا نظارا، لٿي رات پهاڙ تي.

جادوءَ ڀريءَ راتڙي، چوڏسا ڇائي،
پکڙي سُهائي، اڀريو چنڊ پهاڙ تي.

تارا چوڏهينءَ رات جو ڪٽن پيا ساهي،
ناهي اونداهي، چمڪي چنڊ پهاڙ تي.

لٽو پهاڙن پوئتان، گهونگهٽ ويڙهي سج،
ٻنيءَ ۾ جيئن ٻج، تارا نڪتا اڀ ۾.

من آ منهنجو آرسي، جيڪر تون ڏسين،
ان ۾ پاڻ پَسين، صورت پنهنجي پيارڙا.

پرين! پري سِندور سينڌ سجايَئي منهنجي،
هاڻ نہ ڪجاڻ ڏور مونکي پنهنجي من کان.

دل آ شاعر جي وڏي، دنيا جي گولي کان،
ان کي ڪڏهن متان، رنجائين نديڙو چئي!

پري هٽائيندِئين، ڪيسين مون کي دل کان،
ڪيسين نٽائيندِئين، عشق جي آواز کي!؟

نڪتو سج افق تي، گهونگهٽ هٽائي،
ڳُنوار پَسائي، جيئن پنهنجو مکڙو.

آڙيون اڏرن ٻنڊ تي، قيرا ڏَئي ور ور،
چڻ ڪنهين مصور چِتر چِٽيا هِن واءُ ۾.

منچر تي لٿا اچي، پکي پرڏيهي،
پاڻيءَ تي ويهي، ٿا ڀڃين ٿڪ سفر جو.

چوڏهينءَ رات، سيارو منڇر، جرڪي ٿو پاڻي،
ٻيڙيءَ مهاڻي، تي چاڙهي نشا نهار سان.

خوشبوءِ مڇيءَ جي، اپري ٻيڙيءَ مان،
جهٽي جيئن اسان، وئي وڌائي بک کي.

خواب جيان جيءَ ۾ ايري اچن ٿا،
بيت نچن ٿا، ذهن جي آڪاش تي.

دل جي ڌرتيءَ تي، تون ئي ڦٽين ٿي،
هوش لٽين ٿي، چڻ ڪا ول انگور جي.

دل جي ڌرتيءَ تي، تون ئي ٽڙين ٿي،
تون ئي ڪِڙين ٿي، مهڪي من بدن ۾.

آهي ڀهراڙيءَ جو پسمنظر منهنجي بيت کي،
مهڪي ٿو جنهن ڪوئي گل، نراليءَ واڙيءَ جو
ويس اٿن لاڙيءَ جو ڀر سنڌ سنڌ سماڻن پاڻ ۾.

ڪيرٿر کي تون، سدا شال سنوارڻين،
جيءَ ۾ جايون، ٿي ٿو اوکيءَ ويل ۾.

متان ڪڏهن وسارئين، ڪيرٿر کي تون،
ان ۾ امنيدون آهن سدا سنڌ کي.

ڪيرٿر تي چانڊني، جادو جڳائي،
سونهن پسائي، مون کي پنهنجي سنڌ جي.

ايري رات هالار آيو منهنجي جيءَ ۾،
پهاڙن جي پڪار منهنجو چين چورائيو.

لب مهراڻ تي، ياد آئين تون،
گڏ گهميا سون جامشوري ۾ ڪڏهن.

آڌيءَ رات اروڙ ايريو منهنجي جيءَ ۾
چانئي آهي صدين تي، ڪائي رت ولوڙ
اڄ پڻ آهي پتنوڙ آزاديءَ لئه سنڌ ۾.

مادي اڇي آهه لٽي، مٽان هاليجي،
ساري تي پيچي، ماريءَ جو ڪيرائيو.

ساريون ڪامرانيون، اِتي ئي هُونديون،
گڏ نه ويندون، ماڻهوءَ سان پاتال ۾.

آيو آ خالي هٿين، خالي هٿين ويندو
ڪا شيءِ گڏ نه نيندو، ماڻهو پوچو لالچي!؟

ڪهڙو آهي سڪون؟ پيٽ پرائيءَ ۾،
هٿ پرائيءَ ۾، ڇا لئه ماڻهو تو وجهي!؟

سرنهن جي ڦولار ۾، وڙي ٽڙندس مان،
وڙي ڪِڙندس مان، چاندوڪيءَ ۾ ڇيٽ ۾.

سونارڪي گهٽيءَ ۾، وري ايندس آنءُ،
ايپچند جي نانءُ، سرمدُ ور ور وارجي.

چؤڏس چپ چپات آ، اجاتا الڪا،
سوين انديشا، لٽي رات پهاڙ تي.

حسن مان پرجي نه تو ڪيڏو من اُجو!
جيون هونئن سُجو ساري مُوڙي عشق آ.

گذري عمر سونهن سان، پوءِ به من اُجو
توٽي نانهه سچو ميڙيئين مُوڙي عشق جي.

دنيا ۾ هر چيز کان، عشق مٿانهون آ،
پاڳل ماڻهوئڙا، سمجهن نراِنهيءَ ڳالهه کي.

آءُ! منهنجا پٽ ڏٽي، مون تي ڪر تون ڇانءُ،
آهي تنهنجو نانءُ، آڏڙ ساريءَ سنڌ لئه.

پنائي! ٻـ تي ڪٽا، وجهہ اسان جي جهول ۾،
گهرجن مون نہ گهٽا، جيڪي ڏِئين ٻاجهہ سان.

آءٌ! پنائي آءٌ تولئہ اکيون راههُ ۾،
ساري پيئي صدين کان، توکي ڏرتي ماءُ،
گهرجي تو پڙلاءُ، اڄ بہ تنهنجي ڪينري.

پنائي! ڏنيون تو کهڙيون اڏيتون!؟
تي ويا لڏتون، تنهنجا سيئي بيتڙا.

وري رت رابيل جي، ننٽي ۾ ايندي،
خوشبوءِ تيندي، ٻيهر ساري سنڌ ۾.

ڳاڙهسرا ٿيا ڳلڙا، ٽڙيو جيئن حجاب،
بدن جڻ گلاب، سڳنڌ آهي ساهہ ۾.

عشق نہ جاڻي پئمانا، کهڙي مَنَ وديا،
چاجي لاءِ چريا، ماپين تو تون پيار ڪي!؟

وري رُت رابيل جي، ايندي ننٽي ۾،
ويندي ننٽي ۾، دلڙي سرمد جي وري.

ڪنهن کي لٽ ڏيکارِئين، ڪنهن کي آچين چٽ،
تنهنجو سارو هٽ، متجي ويندو ڏوڙ ۾.

آسمانُ سياري جو گهنڊڙيون مندر ۾،
منهنجي اندر ۾، سپنا سانجهيءَ جو ڦنا.

ساري رات سريرُ هي، توکي ساري تو
لڙڪ هاري تو هينئڙو اترَ واءَ ۾.

ازل کان ابد تائين، وقت وهي ٿو
ڪاڏي کهي ٿو ڪو بہ نہ ڄاڻي راز ڪي.

وقت وڏي سمنڊ جيئن، اپار ۽ اٿاهہ،
اِنهيءَ شهنشاهہ طابع سارِي سرشٽِي.

ازل کان ابد تائين، ڇڻ ڪوئي درياهہ،
وقت آهہ اٿاهہ، ڇوڙ نہ آهي ان جو.

پهتيون هن باريڪ ۾، پويون پرڇايون،
نيٺ تہ سُهايون، ايندِيون منهنجي ديس تي.

هاڻي آهن ظلم جون، پويون پرڇائيون،
جلدي سهائيون، ايندِيون پنهنجي ديس تي.

توسان گڏ پنائي، سفر ڪريان آنءُ،
وڻن جيان ڇانءُ، مون تي رهي تنهنجي.

پنائي! تنهنجي ڇانءَ ۾، اڳتي وڌان مان،
هتڙا مون مٿان، سدائين تون پنهنجا رکين.

پکڙيل آهي سنڌ ۾، وک وک ڪهاڻي،
حشو ڪيولراماڻي، اڄ بہ آهي دل ۾.

ويجهڙ ماضي سنڌ جو ڪائي ياد لٿي،
پرچُو وديارٿي، اڄ بہ اسان سان ساٿ ۾.

ماڻهن منجهہ منافقي، وڻ ويڙهي جيئنءَ،
مٿان تون پائيندءَ، سچو هر هڪ آدمي.

ڏکئي وقت ۾ ڪو ڏئي، جي سڪڻو دلاسو
پوءِ بہ ڄڻ پاسو اُن تنهنجو آهي ڪنيو.

ڏسي ڏکئي وقت کي، متان گهبرائين،
متان لهرائين، کنهن اوکيءَ ويل کان.

ڏاڍي پريشان، هئي پنهنجي زندگي،
اچي کو مهمان، سلجهائي ويو سوچ کي.

مادموزيل تراکي، تون نه وسرنديءَ،
سدائين رهنديءَ، خوشبو تي هن سنڌ ۾.

سيد! تنهنجا عشق، کيڏا سهڻا ها!
من مُهڻا ها، رنگ رنگ کري ويا زندگي.

رات لٿي زندان تي، جاڳيا تصور،
ساري پنهنجو گهر، هاءِ! لڳي تي دلڙي.

رات لٿي زندان تي، توکي ساريوسون،
هينئڙو هاريوسون، سمجهي توکي هيکلي.

رات لٿي زندان تي، بند ٿيا دُوارا،
ٻاهر ستارا، سَجيا هوندئي سينڌ ۾.

رات لٿي زندان تي، همت نه هاريسين،
ور ور واريسين، توتان حياتي سنڌڙي!

زماني ذلتون، ڏنيون مون کي کيتريون!
آهن توسان اٿاهه، پوءِ ٻي محبتون،
تي ويو لذتون، درد پنهنجي جيءَ لئه.

گهري هجي کيتري، اونداهي ته ڇاهه؟
هينئڙو نه لاهه، نيٺ ته ٿيندو سوجهرو.

کڏهن ٻانهون تو ڳچيءَ، کڏهن هٿکڙيون،
مون کي سڀ گهڙيون، پياريون آهن ساهه کان.

جندڙي ڪچيءَ ول جيئن، ڇو تون ٽوڙين ٿو،
منهنڙو موڙين ٿو ڇا جي لاءِ سچ ڪان!؟

ڪوئي آهي ڪونہ، جيڪو درد ونڊي،
اچي دز ڇنڊي، صاف ٿئي جندڙي.

مرڪين ٿي تہ ملي ٿي، جُواڻي جنت کي،
تنهنجي سونهن مٿي، موهت ماڻهو فرشتا.

وار وڇائين عام لئہ، ڪڏهن تون مٿان،
فقط پرينءَ اڳيان، پڌرو ڪجانءِ پاڻ کي.

هي تنهنجو تن بدن، آهي راڻي لاءِ،
مومل! ماڻي لاءِ، مٿان ڏسين پين ڏي

ڪڏهن شاعري، اوڙڪون ڪري اچي،
ڪڏهن چپن تي، مُهر جڙ تہ مات جي!
دشمن لُڏيا ٿي اِيئن، جيئن لڏن ٿا ڪانهن،
دودا! تن جي دانهن، اڄ بہ ٻري ٿي واءُ ۾.

آهہ اڃا آزار ۾، دودا! تنهنجو ديس،
اڄ بہ ڌاريو بديس، فوجون ڪاهيون ٿو اچي.

اڪيلائي ۽ غم، ماڻهو ماريو ٿا وجهن،
دعا گهران هردم، عاشق ٿين نہ اڪيلڙا.

روڙي پنهنجي روح کي، جيئن وڃايئي ساز
ڳئورو ٿيو آواز پرجي آيون اکڙيون.

مڪلي! تو ۾ گم ٿيون، ڪيڏيون ڪهاڻيون،
ڇا ڇا جواڻيون، ڏنئي پنهنجي ڏيهہ ۾!

اڄ ٻــ ٻُـري تــاريــخ ۾، دودي جــو ويســاهُــ،
ســنـڌڙيءَ تــي جـن ســاهُـ، واريــو زنــدهــ تــي ويـا.

اُهي اکيون سرمگين، جهـڙ ڪـري ويـون جيءَ تـي،
هاڻ وسـي ڪــڪـر جيئن، راتـو ڏيـنـهـان روحـڙو.

ڪـڪـرن جيئن اپـري، مـون ڏي آئـيـن تـون پـريـن!
دلـڙي هــيءَ چــري، راتــو ڏيــنــهــن وســي پـئـي.

رم جهم ڪري ويون روح تي، تنهنجون نـگـاهـون،
پــريــن! تـــو ٻــانــهـون، واســي ويـــون وجـود کـي.

تـن مـن تـنـهـنـجـو آهـ، مـالـڪ آهـيـن وجـود جـو،
جيـسـيــن آهـي ســاهـ، آئـون اوهـان جي آهـيـان.

چــڏيــم ســچـو وجـود، اربـي تــوکــي ســنــڌڙي،
مـون ۾ تـون مــوجــود، آئـون اوهـان جـو آهـيـان.
ســنـــڌ ورســتـــيءَ ۾، تـــون اچـــيـــن شـــال وري،
پـئـونـري جـيـئـن ٻـري، ڏسـن تـوکـي چـوڪـرا.

ڇـا لـئـ وجهـيـن اکـا؟ سـرتـي آهـي دوسـت جـي،
پـنـهـنـجـي سيـنـڌي رک، جـي تـو هـيـنـئـڙو اڄ ۾ا

آئــي نـــنـــڊ اکـــڙيـــن ۾، اڏري اڄ اِيـــئـــن،
پــکــي اچــن جـيـئـن، آکـيـري ڏي شـام جـو.

ڪجليون اکيون پرينءَ جون، مـون کـي مـاريـائـون،
ءِ پـو جـيـاريـائـون، کـڻـي نـگـاهـون پـيـار مـان.

آهن منهن پرينءَ جي، طور سيـنـا جـئـن تـجـلـيـون،
اکيون جنهن جون ڪجليون جادو ڪري ويون جيءَ تي.

چاجي لاءِ دوست سڀ، تي ويا اڄ اجنبي !؟
ڪيڏانهن ويا لنگهي، هو جي ننڊپڻ ڏينهڙا.

ڪتين ڪر موڙيا پرين! آئي تنهنجي ياد.
تيڙو جڻ فرياد، توکي ڪن ٿا عشق ۾.

جي تون چاهين زندگي، ڏڄ نه موت ڪنان،
لاهي ڇڏ منان ، اڻ ڇاتي جي ڏپ کي.

ناتو تن ۽ من جو نديءَ سمنڊ جيئن،
تون اِن کي ڪيئن، الڳ هڪٻئي کان ڪندين!؟

متان تن ۽ من کي ، الڳ الڳ پائيين،
۽ پو پڇتائيين، چاهت ڪري اڌورڙي!

اجنبي! آهين ڪير، توکي ڏٺو آ،
جڻ ته ڦٽو آ، چشمو مون ۾ پيار جو.
ڇڏي وڃين ٿي واءَ ۾، جڏهن تون خوشبوءِ،
پئونرا گفتگوءِ، ڪن ٿا :"گل ڪٿي ٿڙيا!؟"

اڪڙيون ڪنيون تو بند ٿيا سڀ مئڪدا،
اِتان جن پيتو پيهر طلب ڪانه ڪئي.

سياري جي اُس جيان، هلڪا تنهنجا ڇهاءَ،
ميٺي سارا گهاءَ، تن کي ڏني وئين تازگي.

آهي ماڻهوءَ من ۾، ڇاجي لاءِ خوف!؟
ڪٿي ڪلاشنڪوف، بيٺو آهه بچاءَ لئا

ڪڏهن اڪيلائي، سڀ ڪجهه هجي ٿي،
ڪائنات سڄي، لڳي پنهنجي ڀاڪرين.

دل ڪڏهن شور ۾، ڳم تيڻ تي چاهي،
جيئن سگهي وراهي، هر ڪنهن سان ٽهڪڙا.

جيوَنُ پروليءَ جيئن، آءٌ تہ ڳوليون پيٺي،
ـ ڪي آهي وٺي، توڙي حياتي ڏڪڙا.

اجنبي ـي ويو ـ ـهر
ڪهڙو وقت مٿان، بيٺو آهي اچي.

ايڏي بي خبري، ناهي چڱي دوست ڪان،
مون تي ڇا گذري، توکي ڪونهي ڪو پتو.

ٽڙيا گل گلاب جا، پڪڙيون سرهاڻيون،
آءٌ تہ گڏ ماڻيون، سُرها جوين ڏينهنڙا.

سُرها جوين ڏينهنڙا، مٿان وڇائين،
مٿان لنوائين، چپ اچن جي پيار مان.
سُرها جوين ڏينهنڙا، ڪنهن تي شل وارين،
تون مٿان ڏڪارين، هٿڙا جي هرڪي اچن.

سرها جوين ڏينهنڙا، سڳند اڏارينِ،
امرت پيارينِ، آسوندن ڪي اڄ ۾.

سرها جوين ڏينهنڙا، مٿان سرهي سيج،
هينئڙي سپ هيج، پنهنجا اڄ پورا ڪيا.

يٽائي! آنهہ درياهہ جيئن، اسين جهڻ تہ ا. . .
ـ . ـہ ـان.

ايري آئي اوچتي، ڪائي نيڻ نهار،
جاڳيو مون ۾ پيار، پيهر ساٺوڻ مينهن جيئن.

اندرڪائي اُسات، لهِي لهي ڪانهه تي،
چشمي جيئن پلٽي، ويڙهي وڄ وجود کي!

ول جيئين وجود تي، ڪڏهن چانئين تون،
شل نپائين تون، پنهنجي قول قرار کي!

ڪٽي نيڻ خمار مان، بخشيئي زندگي،
رڳ رڳ وئي رچي، پرين! تنهنجي پيار ۾.

ڇا لاءِ هنيئي بي پتا!؟ ڳنوَر ڪي گولي،
پيار پري ٻولي، سانت تي وئي ساهه سان.

ڳنوَر! تنهنجو ڪلام اڄ به جاڳي جيءَ ۾،
سنڌڙي روز سلام، توڏي مُنجي حب مان.

هر ڪنهن پنهنجو رنگ، لاوٽي، رولا، ڏُپال،
شقت، للت، چئوپال، انگ انگ جڻ آ رقص ۾.

مچيون ڳوٺ ٻڏي، ويٺيون آهن سمنڊ ۾
ويون آهن وڏي، ڏرتيءَ تي پر نفرتون.

چَرندي چانڊوڪيءَ ۾، رات ڏٺاسين ڏڻ،
ڪارونجهر تي هرڻ، جادو آهه جهان تي.

رات ڏٺاسين واڳهه، تنهنجي اکين ۾،
پر ٻه ونءُ نه وڃي، هينئڙو توکان سپرين!

ساري رات سنيار، جاني تولئه جيءَ ۾،
مون سان تون پيهار، ڇا ملندين ڪڏهن ڪينڪي!؟
جهومڪ چمن ڳل، ۽ ڳچيءَ چمي ڏهري،
اکيون چميون ڪجل، نکري تنهنجي سونهن وئي.

هيرو چمڪي نڪ ۾، لبڙا چميس لالي،
شال ٿيون وصالي، اسين سهڻي پريءَ سان.

هوءَ جا هئي جل پري، هرڪوان جو پڇي،
موهي محفل کي، ويئي پنهنجي مرڪ سان.

جاڳيو من مجان دل ۾ ديرا درد جا.

جيوٽي! ڇا جادو، تنهنجي هو آواز ۾!
عاشق سپ قابو ٿي ويا ان جي سحر ۾.

جادوڪن ٿا جيءَ تي، تنهنجي نيڻن جيئن،
بي ڪيف نہ پاڻئين، هي جي سنڌي سورنا.

دوها منهنجي دل تي، تري آيا اِيئن،
هنج ترن جيئن، ڪري قطارون ڍنڍ ۾.

ڪنگرا اوچي ڪوٽ جا، ساٿي! ڏس ٿنا،
اِجهي هاڻ ڪٿا، هي جي پنڌ پهاڙ جا.

ڏمر هيا جي ڏيهہ تي، آيو تن جو انت،
آڇي ويا امرت، سجايا پنڌ پهاڙ جا.

چپ گلاب پريءَ جا، گال [illegible]
[illegible] اڇيتون مند ڪتوريون.

هرڪا عورت ناهہ جادوءَ جيان جيءَ تي،
ڪائي ڪائي نگاهہ دلڙي چيري ٿي وڃي،
توسان ئي منهنجو عشق، توسان ئي آنينهن،
توبن اڪڙئين مينهن، هڪ پل پيي رڪجي نٿو.

سر بچائڻ لاءِ، سُرکي وڃايئي!
ڪجهه به نه پايئي، عمر ماٺي ڪوڪلي.

ٻانهي آهي ڪانڪا، هيءَ جا تنهنجي زال آ،
انهيءَ سان رشتا، رکج سدائين چاهه جا.

شفق رنگ رتي، ٽانگر جيئن ٽڙي پئين!
لڳين سون وتي، سانجهيءَ جي آڪاس ۾.

سنڌڙي اڄ به شيام! توکي ساري ٿي،
واٽ نهاري ٿي، وڇڙي ويل اولاد جي.

وڇڙيون ڏيئون ماءُ کان، لعنت ورهاڱي،
روحن کي راڱي، انهيءَ رت روئاڙيو.

ٻار سمهاري لوڏَ ۾، ويئي جيئن ٻاهر،
جلدي موٽي گهر، ڇاتيون ڀريس ٿڃ سان.

ٻار رنس جيئن گهر، ڇاتيون ڇلڪيس ٿڃ سان،
ٽڪري ٻنيءَ تان، موٽي واپس ڳوٺ ڏي.

سمهي پيئي سانوري، ڀري منهن سُڪونَ،
ڪهڙي جوش جنونَ، عاشق جاڳن رات جو؟

مينهن ڏُهندي مُنڌ ڪي، سمجهي سگهين نه تون،
جيئن ڀريون چروڙيون، تيئن جذبا جاڳيس من ۾.

اُٺي اسر وير جو ڪير ولوڙي ٿي،
چرڻ ته جوڙي ٿي، نئين سِر هيءَ سرشٽي.
اڃي ڀرهه جي هير سان، ”جُهو جُهو“ جو آواز
مانڌاڻيءَ جو راز جن سمجهيو ننڊ ڦٽي ڪئي.

تنهنجي ڳلن تي پيو پرتوو جيئن شفق جو،
رنگ پکيڙيا تو سانجهيءَ ڪيڏا سمنڊ تي.

ايئن چٽي پئي چاندني، جمون وٽن مان،
پرت _ ٽڪن مان، جيئن اٿن ٿا ترورا.

ڳالهيون ڪن ٿا واءَ سان، ڪنڊ ڏوٽي وڻ،
هيٺ ٻڪرين ڏڻ، ٻي ٻي ڪن ٻڪرار ڪي.

چڻ تہ ٻکيا آکاش جا، تارن اکيڙيا،
چاچا پکيڙيا، سانجهيءَ رنگ سمونڊ تي.

ڪٽڪ سلا سونَ جا، پر ۾ هارياٽي،
ڪسيءَ ۾ پاٽي، جنت منهنجي سنڌڙي.

ڪسي وهي ٿي ردم سان، هلڪو سيارو
پاٽيءَ نظارو پار مرڪي جيئن ننڊ ۾.

ننڍڙا پوتا انب جا، پار جيئان آهن،
توجهہ ٿا چاهن، هاريا تنهنجو پيءُ جيئن.

سڀ ڪجهہ ناهي سائين! آکاش واٽيءَ ۾،
اسرار پاٽيءَ ۾ ، چنڊ چميو پاتال کي.

سرنهن گل ٽڙيا، خوشبو پهتي ڳوٺ ۾،
اچي پئونر مڙيا، ماٽيئون منڙي رس کي.

هي جڏهن بہ زيتونَ، چايا تنهنجي بت تي،
خمار جوش، جنونَ، آئينءَ منهنجي هنج ۾،
چڏي سڀ حجاب پرين! اوري آءُ تون،
چمين سان چڳون، ڏاڙهون تنهنجي بت جا.

آهي ڇڏ پريل، لتا جي آواز ۾،
جيءَ نہ آئي جهل ، اڏري ويو پرينءَ ڏي.

شيام! تنهنجي شاعري، تارن جيان آهي،
سدا پئي وراهي، هر هڪ جاءِ روشني.

هاڻي اچي ٻنيءَ تي، روز سويري،
ڏٺيون وڏيري، هاريءَ سهڻيون ڇوڪريون.

ور لئہ ٻنيءَ تي ڪٽي، آئي مانيءَ ڏکيون،
پر ۾ ماڪيءَ مکيون، مِڙي آيس چاهہ مان.

مومل! راڻي لاءِ تون، راڻو ئي رانئين،
تون متان ورهائين، هر ڪنهن سان هي راتڙيون!

ڇا ٿي پيو جي راتڙي، ٻئي ڪي ڏني تو!
اِهو حق رکو، توکي تنهنجي ٻت تي.

منزل ناهي هر ٻنڌ، ڇا لئہ ٿئين پيوت!؟
ڪوئي ڪوئي سڪوت، اوچو هر اڏام کان.

ڪيئن گهٽينلين سپ ڳلا ڪنهن ڪنهن وڃهنلين ڪاٽا؟
مور نہ ٿيندي مات، آزاديءَ جي ڳالهڙي.

هيءَ جي سوريءَ سات، سي تہ سدا جي زندگي،
ڪائي ڪائي مات، اوچي هر آواز کان.

ٻيهي ڪونہ سماج ٿو سدا لاءِ نہ ڳهر،
ڪائي ڪائي ڊر، تيز هر هڪ ڊوڙ کان.
چوٽ نہ ڏي ڪنهن دل کي، ان ۾ آهہ خدائي،
ڪا ڪا گهرائي، مات ڪري اوچائيون.

منهنجو من سمونڊ جي، تري جيان آهه،
سهسين چراگاهه، جيوت_ دنيائون اڻ ڏٺيون.

عظمت ڪنهن ڪنهن ايتري، حصي ۾ آئي،
جو هر اوچائي، حقير آهي ان اڳيان.

سَر تي لٿا ستارا، ٽپيون ڏٺائون،
مرڪي ڏٺائون، ڪنڌي تي ڪي ڪامڻيون.

گردش ۾ آ وقت، هي ڏينهن به ڦرندا،
نيٺ ته ڪرندا، اوچا ڪنگرا ڪوٽ جا.

داخليت توڙي خارجيت، مون وٽ هڪڙي چيز
بنهي لئه مهميز آهي منهنجي شاعري.

نا اهن هن جهان ۾، رڳي محبتون،
ڪي ڪي نفرتون، چڱيون آهن پيار جيئن.

توڙي گيڙوءَ ويس، پنهنجا بيت گلاب جيئن،
جهڙو سنڌوءَ ديس، تهڙو تن جو روپ آ.

جهونا ڳڙهه ۾ رات، سڏڪا سورٺ جا هئا،
جيسين ٿي پريات، سڀ ڪجهه ويو چڪيا چڙهي.

مئخاني تي رات، شبنم شبنم ٿي لٿي،
پياڪ سڀ پريات، شعلا شعلا ٿي ويا.

مئڪدي تي ماڪ، قطرا قطرا پئي وئي،
هيا سڀ پياڪ، قدم قدم ٿيڙ ۾،
هاڻ نه ڪائي ڪاڪ، ناتر، مومل ڪينڪي،
وقت ڪيا سڀ خاڪ، جيڪي جاهه جمال ها.

اڄـــي مـــارئـــي! ڏکَ ڏي هـــن ڏيـــهـــ کـــي،
اڄ بـــ کـــيـــئـــي، عـــمـــر آهـــن ديـــس ۾.

هاري! جيسين تون، قادر نـ ٿينديـن قسمت تـي،
تنهنجون اميدون، ڪچنديون رهنديون هر کيت سان.

پورهيت جيسيـن تـون، طاقتور نـ ٿينديـن،
گـونـدر گـڏيـنـديـن، سدا پـنـهـنـجـي سـاهـ کـي.

متـان تـون ٿيـڙو ڪـڏهـن پيـٽيـن بيت سـان،
رنگ جي گيڙو پو بـ ڪتين جيئن چمڪٽا.

هـا تـون وائـيءَ کـي، اڳـيـان آڻـج بـيـت جـي،
امـڙِي ۽ ٻـچـڙي، کـهـڙا لـيـکـا اورڻـا.

ڪڏهن نظر کي، پيٽج نـ پنهنجي بيت سان،
قـد بـت تـي، نـاهـي رکـيـل ڪـا امـرتـا.

ڪڏهن تون غزل، پيٽج نـ پنهنجي بيت سان،
بـيـت انـگـورن ول، واسـيـن ٿـا ولـهـار کـي.

اوتـي پـنـهـنـجـو روح، اسـان چـڏيـو آ بـيـت ۾،
سنڌڙي وجهي جوهـ مـرکـي پيئـي ٿـي ڏسي.

جـاڳـي سـاري رات، چـو تـون لـکـيـن ٿـو
چـا تـون سـکـيـن ٿـو ڪـرت جـوڙٺـهـار جـي.

بيت بـ سنڌڙيءَ جيئن، مون کي چڪين پاڻ ڏي،
چڙ ملجي مٽيءَ سينءَ ، آئون خوشبو ٿو ڏيان.
آهي تنهنجي سونهن جي، مون ۾ سهائي،
شـل روشـنـائـي سـدائـيـن ڪـريـن سـنـڌ تـي.

آزاديءَ جي ڪيچ لئہ سسئي ٿئي ڪير،
هلي ڦٽائي پير، پهاڙن جي پيچري.

آهي راهِ ڏياچ ڪو ڪري سنڌ سُجان،
ڏئي پنهنجي جان، آزاديءَ جي ساز تي.

رنجائج نہ تون ڪڏهن، پرين ڪاوڙجن جي،
ٽٽل دلين ڪي، ڪو ٻَڪيو لڳي ڪونہ ٿو.

ننڊ سُتي جيئن سانوري، ٻيهي چنڊ ڏٺو
چڻ تہ پئي سوچيو ڪيئن وٺان ان ڪان چمي؟

ڪنولُ پاڻيءَ پاڪرين، ڪپر تي جوڙو
ڪوئي وڇوڙو، تن ڪي ٽوڙي ٿو سگهي؟

وهيون تنهنجون ڏک ۾ اکڙيون سُرمگين،
ڪري ويون غمگين، منهنجي سڄي وجود کي.

پريندي اوڙو جيئن ڏٺائين نينگري،
ٻچڪاري گهوڙو آيو ٻهاني سان لڙي.

ڏئي سکين سان ٽهڪڙا، جئن ڏوتائين روءَ،
تي ويو خوشبوءَ، پاڻي سپ نياڻ جو.

وڏائين بندُر ۾ ڪُتر ڪري ڪانا،
تنهن ڪان پو سانا، رڏڻ ويٺي چلهہ تي.

ساري رات هگاء هو وات راڻي جو
يا جواڻيءَ جو نشو چڙهيو هو پاڻ تي.
اج بہ گهرجي ترار، سنڌ کي [illegible]انَ جي،
جنهن سان ڪجن وارَ ور ور ويرين جي مٿان.

سـڪـڻـا دلاسـا، گـهـرجـن نـہ ٿـا ديـس کـي،
آهـن چـؤمـاسـا، رُت ڦِـري نـاهـي اچـا.

پسار ڪـن ٿـيـون سـومـريـون، روپـا مـاڙيءَ تـي،
ٻـاڙيءَ ٻـاڙيءَ تـي، سـنـڌ ڪـهـاڻـيـون ڪـيـتـريـون!

دودو ڏسـي ٿـو حـب مـان، ٻـهـڪـي ٻـاگـهـيءَ کـي،
اِن پـيـنـرڙي تـي، سـهـسـيـن سـرڙا وارجـن.

مـون کـي نـنـڊ اچـي پـئـي، ويـٺـي ڪـرسـيءَ تـي،
هـاڻـي ذهـنَ ٿـڪـي، لـکـي لـکـي هـيءَ شـاعـري.

ڏيـنـهـن گـذري ٿـو وجـي، پـوءِ بہ لـک لـکـان،
مـنـهـنـجـي جـيءَ مـتـان، جـادو آهـي شـاعـري.

تـون چـئـو پـکـي پـرڏيـهـي! سـنـڌ کـان وڃ مـتـو
پـيـو ڪـو ڏيـهہ ڏٺـو تـو هـن روءِ زمـيـن تـي!؟

پـيـار رهـنـدو روان دوان، پـيـارا بـدلـبـا،
چـارا بـدلـبـا، پـنـڌ اُهـوئـي سـاڳـيـو.

هاڻ اچي تـي اِئـيـن، جـيـئـن سـانـوڻ جـي بـرسـات،
سـاري سـاري رات، مـون تـي لـهـي ٿـي شـاعـري.

ويا جڏهن ڪـيـڏانـهـن، يـار ڇـڏي مـون هـيـڪـلـو
آئـي آ مـون ڏانـهـن، مـحـبـوبـا جـيـئـن شـاعـري.

اڪـيـلائـي ۾ جـڏهـن بہ دل ڪـئـي ڪـا دانـهـن،
ڊوڙي آ مـون ڏانـهـن، مـحـبـوبـا جـيـئـن شـاعـري.
گـهـنـگـهـور گـهـٽـا جـيـئـن هـي، مـون تـي ڇـائـي آ،
مـون ڏي آئـي آ، سـانـوڻ بـڻـجـي شـاعـري.

جامشوري ۾ وري، ملبو تڏهين ٿي،
ايندي جڏهن ٿي، رُت بسنتي ديس تي.

اڄ ب تو الزام آندا مون تي واٽڙا!
منهنجو تون مقام سمجهي سگهندين ڪينڪي.

مون تي پيو تون آڱريون، پنهنجون جي کڻندين،
ساڙ رڳو سڙندين، پيو ڪجهه سَرندءِ ڪينڪي.

سکر، سنڌوءَ، روهڙي، ڪيڏي سونهن ميان!
جرڪي سونَ جيان، ساڌ ٻيلو شام جو.

جڏهن رتائين، مون کي ٻانهُنِ ۾ ڀري،
چڻ ته ڏنائين، پيالا امرت رس جا.

وچن ڪري تون وري، موٽي آئينءَ ڪون،
پر مان ٻاريان چو نه، ڏيئڙا تولئه ڏات جا.

ايريا اڄ آثار اِجهي بدليا ڏينهنڙا،
آدمين اظهار ڪو ب نه روڪي ٿو سگهي.

ڪينجهر جهڙي ڇوڪري، نيڻ ڪنول جيئن،
وڪوڙي جل جيئن، ويئي منهنجي روح کي.

تون ئي ڪيفُ خمارُ آن، تون ئي رونهن ورونهن،
مومل! تنهنجي سونهن، مات ڪيا سڀ مئڪدا.

محبت ڏاران ڏينهنڙا، دوزخ جو جڻ دونهن،
سورٺ! تنهنجي سونهن، جنت آهي جيءَ لئه.

نيت ته خالي ٿي ٿئي، ٽجوڙي جيون جي،
پهرين پر هلي، موت اچي ٿو چور جيئن.

ڪو بہ چؤنڪيدار موت نہ روڪي ٿو سگهي،
سپيئي هٿيار بيوس آهن ان اڳيان.

ان ڪان وڌ نہ آهي ٻي، ڪائي ذلالت،
ماري ٿي غربت، ماڻهوءَ اڳ ۾ وقت کان.

ڇاتيءَ تي آڪاش کي، تارا ڇڻ تہ پرت،
ڪيڏي آ قدرت، سهڻي ٺاهي سرشٽي.

آيو پيارُ ڪڪوهَ جيئن، ان کان ڪيئن بچون،
اوري آءُ نچون، منهنجي من جي مورڻي!

آيو منهنجي جيءَ تي، ٻرجي اڄ جهڙ،
پوي ٿي ڦڙ ڦڙ، توڙي ٻاهر اُس آ.

ڦيٿا منهنجي جيپ جا، لتاڙين پهاڙ
۽ هو چنڊ_ ماڙ پڻ آ منهنجي پيرڙين.

گهٽو اڳتي چنڊ کان، آئون اڄ وڃان،
سارا راز ڀڃان، ڳجهہ نہ ڪو ڳجهو رهي.

چنڊ نہ اهڙو منڊ، جهڙي تنهنجي روشني،
تنهنجي سونهن اڪنڊ، صورت تو جهڙي نہ ڪا.

چاندي تنهنجو تن آ، دلڙي هيرن کاڻ،
تو سان ڇاڻ سڃاڻ، جرڪا آندا جيءَ تي.

مرڪي ڏنو تو گل ڪڙي پيا دل ۾،
ڇڻ تہ ڪو جهونو هُئينءَ پرهہ جي هير جو.

سون لڳي ٿي پولڪا، تنهنجي ڇاتين تي،
اڪڙين آتين تي، لٽئين مڌ خمار جيئن.

ساروئي سنسار هي، آهي ڪو تہ عجب،
سبب بي سبب، ڪوئي آهي ڪينڪي.

سارو هي سنسار آ، تنهنجي طابع رب!
سبب جو بہ سبب، واقعي تون ئي آهين.

ڪانهي ڳالهہ يقين جي، ڪونهي ڪجهہ ٻي شرڪ،
جي تو ناهي عشق، اجايون سڀ عبادتون.

چيلهہ مٿان آ ٻارو مٿي تي آ ڳاهہ،
عورتَ ڏکي زندگي، الا! پو بہ نباهہ،
ٻهراڙيءَ جو چاهہ، گهٽيو نہ ڪڏهن مال سان.

”مٿي ڪڏي چيلهہ مان، ٻريائين ڇاتيون،“
ڏِسون سڀ مڏماتيون، لٿي مُنڊ زمين تي.

آنءَ گهٽا گهنگهور پر، ترسان ڪنهن ڪنهن سَر،
جهڙي عورت اتر، تهڙي مون من نينڊ آ.

آنءَ نہ هر هڪ جاءِ تي، ويرو تار وسان،
ڪنهن ڪنهن مُنڊ مٿان آهيان ساوڻ مينهن جيئن.

ڇاتي پيالا مڏ جا، انهيءَ پار وڃان،
ماڪيءَ مک جيان، ويهان نہ هر هڪ گل تي.

آهين مڙس وڙائتو پوڙها! ڏاڍو پر،
ڇا لاءِ دربدر هن وهيءَ ۾ پيو ٿئين!؟

جادو آهين ٿر جو مائي ٻاڳي! تون،
جاڳيا ڏهر، ٻٽون، روشن ٿي وئي سنڌڙي،

ماٺ سندو آواز جيڪر ڪو سمجهي،
اچاتا سڀ راز پيچي هن جهان جا.

وڃن پيا واءَ ۾ ازل جا ڪي ساز
ماٺ سندو آواز هر ڪو ٻڌي ڪينڪي.

پرهه ڦٽيءَ جو پٽ، واقعي هئين سوئيڪارنو!
اجري آندي تو پنهنجي وطن لئه روشني.

ايئن ملئين ٽئگور ڪلهه، گيتانجلي ۾،
منهنجي ڳلي ۾ جڙ تون لنگهي آئيو.

دليون ڏسن ڪونه تا، ماٺهو اياڻا،
ڪهڙا سياڻا؟ ساٿ ڇڏياٿون سچ جو.

جُهڙ جيئن پکي اُتيا، چانو ٽي جر ٽي،
موهي ويو مونکي، تنهنجو سمنڊ سنڌڙي!

"جيسين هن جهان ۾ ايندا پيا ٻارڙا،
تيسيتائين خدا، راضي آهي پاڻ تي."

سياري رات مند، ڪيڏا تارا موهڻا!
تنهنجي يار اڪنڊ، سارو وقت سرير ۾.

ڏنو آهي تو ڪڏهن جادو رات جو!؟
سنگهيو آهي تو ڪڏهن تن راٻيل ڪي!؟

ڪيڏي رات هئي، رقصي تارن ۾،
جڻ ته جارن ۾ ڏيئا پئي لڙڪڙائيا.

چئو ڪيسيتائين مان، توکان دور وڃان،
پيرو ڪيئن پچان، تون ساهه سري نه ٿي.

تـلاءِ مـتـان تـرورا، تـارن رات کـيـا،
اڏري وڳـر ويـا، ڌرتـي تـان آڪـاش ڏي.

آهـي جيـون جـڪ، جـي ڪـو مقصـد ڪـونـہ آ،
ڪـوئـي آدرش رڪ، پـلـو ڪـر سـنـسار جـو.

ڪاڪا جيت بہ مات آ، ڪا ڪا مات بہ جيت،
هـن ڌرتـيءَ جـي ريـت، آهـہ نـرالـي سـڀ ڪـان.

يـار رهـي تـو روح ۾ ، مـون ڪـان ڌار نـہ آ،
دنـيـا سـمـجـهـي ڇـا، اسـيـن سـدائـيـن سـاڻ هـون.

نـاهـيـان آنءُ اڪـيـلـڙو مـون سـان گـڏ آن تـون،
هـاڻي هـي اڪـڙيـون، ٻـئـي در ڏسـنـديـون ڪـيـنـڪـي.

تـوکـي ڪـيـئـن جـهـلـيـان مـان، وڃـيـن ٿـو پـرديـس،
دلـڙي پـئـي ويـس، پـائـي تـنـهـنـجـي ڏڪ جـا.

آهـيـون پـاڻ اداس، سـنـڌڙي ڏيـهـہ ڏڪ جـو
ڪـونـهـي ڏوهـہ رڳـو تـنـهـنـجـي يـادن جـو پـريـن!

اونـداهـي اڪـٿ، پـئـي لڳـي مـتـان ديـس جـي،
پـرهـہ ڦـٽـيءَ جـا پـٽ، ڪـيـڏي آنـدوَ روشـنـي!

تـوڙي هـارايـو پـوءِ بـہ آهـيـون ويـڙهـہ ۾،
ڪنڌ نـہ جهـڪـايـو اڳـيـان ڪـنـهـن پـيءَ ڏاڏ جـي.

"نـاهـي ڪـجـهـہ مـقـدار ۾، لِـکُ مـعـيـاري!"
اچـي شـاعـري، مـون کـي چـيـو ڪـن ۾.

سـنـڌ ٿـيـنـدي سـوجـهـرو ويـنـدو انـڌارو
پـرهـہ جـو تـارو اڀـريـو آ آڪـاش تـي.

آئون جاڳان تو پرين! ستو آهي لوڪ،
مون وسايو جهوڪ، وري شاهہ عنايت جيئن.

آزاديءَ جي او پرين! سيد ڏئي ويو ساک،
اجها ڦٽي باک، آيو سنڌ تي سوجهرو.

جاڻ پڳاسون ماڳ تي، ڪونهي پنڌ پري،
ڪوئي ڪين ڏري، اونداهي جي ديوَ کان.

اپري ايندو اوچتو آزادي جو نانءُ،
متان لاهيو هانءُ، جاڻ پڳاسون ماڳ تي.

ڇاجي لاءِ پيئان، آئون توسان ڇيڳرا!
جڳ جڳ ڇو نہ جيئان، اکڙين مان پيالا پري،

آنءُ اُنهي جو آهيان، اُهو منهنجو آ،
رڳ رڳ منجهہ رچيا، اسان پرين پاڻ ۾.

متان سمجهين تون، منهنجا گيت ڪٿي ويا،
اجا هاڻي مون، آهي بسم الله ڪئي.

جاڳيو تولئہ شاعري، آهيان سڄي رات،
تون بہ تي برسات، وٺي آهين مون متان.

هاڻي ننڊ اچي پئي، ڇڏ تہ آنءُ سمهان،
پيهر جيئن رچيان، تازائي سان شاعري.

مڌ جيان مون ڏي، اچي تو منهنجو پرين،
وڃي روح گڏي، منهنجو پنهنجي جند سان.

ٻچن جي هي منڊ آ، پڪي مار نہ تون،
ڇڏ تہ ڪن چون چُون، چوٽو وجهي وات ۾.

واءَ وڻندڙ تي وئي، وڻ ٽڻ ڏوتا مينهن،
نڪري فطرت اِيئن، چڻ تو ڌوتا انگڙا.

نيٺ اچي وئينءَ تون، منهنجي اوتاري،
ڏيئا مون ٻاري، رکيا تو لئه روح جا.

ڪيٽي بندر تي ڪڏهن، ٽيندا سونهن ميلا،
آئيندي ويلا، آٽيندي ڪئين سوجهرا.

لٿي شام سمونڊ تي، اڏري پئي آڙي،
چتر هي لاڙي، منهنجو من موهي ويا.

آڏي رات سمونڊ تي، ڪراچيءَ ميلا،
سونهن سندا ريلا، موهي ويا من ڪي.

آئون ازل، تون ابد، توڏي ٿو ڪاهيان،
توکي ٿو چاهيان، تون ئي منهنجو ماڳ آن.

آئون ئي روڪ صدين تي، آئون ئي پلاٽيان،
آئون ئي آٽيان، اونداهين ۾ سوجهرا.

منهنجو من مندر، منهنجو من مسيت،
منهنجي آهه پريت، سوين روپ روز جا.

سوين روپ روح جا، سوين مايا چار،
آهي فقط پيار، رستو ڪنهن نجات جو.

آئون ازل، آئون ابد، آئون ئي منزل ماڳ،
آئون ئي پنهنجو پاڳ، آئون ئي سور سرير جا.

آئون ازل، آئون ابد، آئون ئي منزل ماڳ،
آئون ئي وقت اجهاڳ، ڦهليس هن ڪائنات تي.

منهنجي من ۾ مارئي، سدا جاڳي ٿي،
سدا واڳي ٿي، مارن سان هن روح کي.

خوشبو ٿي تاريخ وئي، ميندا نه ڏوتا تو
منهنڙو مارن جو مٿي سدا لاءِ مارئي!

جاڳائي ٿي سنڌ کي، اڄ به تنهنجي چيخ،
خوشبو ڪئي تاريخ، مارئي! چيڙهه چڱن جي.

بختاور ڪان پوءِ سچو ٿي ويو آهه ڪرو
ورو وانگي! ورو آنَ بچايو ڏارين کان.

اجا ماڳ پري، آهي تنهنجي پنڌ کان،
اڪڙيون پير ڪري، هل ته منزل ماڻيين.

سڀ ڪجهه سجايو آ پرين! جي تو ڪئي پريت،
هونئن ته هار ۽ جيت، ساڳي معنا ٿا رکن.

جيون جو هڙ حاصل، آهي بس پريت،
باقي هار ۽ جيت، ڪائي معنا ڪا نه آ.

چاجي لاءِ قرار، مون کي اچي ڪونه ٿو؟
دلڙي کي سئو وار، سمجهايم، سمجهي نه ٿي.

چاتي پيو جي اڄ پرين! آهيون پيئي دور،
ٿيندو ملڻ ضرور، هڪڙي ڏينهن حيات ۾.

اسان تنهنجي سونهن جا، ڏاڍا ڳاتا گيت،
پرين! تنهنجي پريت، امر ڪري وئي شاعري.

اوا ڪهڙي مٽيءَ مان، ٺهيو آهين تون،
هيڏيون هي سختيون، پوءِ به پيرا پنڌ ۾.

سرتا! توکي تي سجهي، ڇو رڳي ننڍولي،
مون تہ پري جهولي، آندي آ رابيل جي.

ڪيڏا جُڳ لنگهي ويا، آءُ پرين تون آءُ!
سونهن جيئين ساءُ، هِتيو نہ منهنجي پيار جو.

سڀ ڇڏي ويا ٿئي، مڙين پوءِ بہ ڪونہ تو
چاچي لئہ لاٿئي، مانجهي! ٻيڙي سير ۾.

ٻوڪي ٻڌي ٻار کي، پٽ چاڙهيائين،
ڇڻ تہ واڙيائين، من کي گهر جي پيار ۾.

تن جان خوشنصيب نہ ڪو ڪئي جن پريت،
ڇا هار ڇا جيت، نہ مليو تہ بہ پاتو پرين.

ڪجليا نيڻ پرينءُ جا، مون کي ويا موهي،
ڪنيڙا ٿو ڪوهي، هينئڙو هاڻي پيار ۾.

ڪنيڙا ڪوهي هينئڙو ڪڏهن شال ملين،
ڏيل جيان ڏلين، منهنجي من جي ريت تي.

ڳولين ٿو ڇا لاءِ تون، منهنجون ڪمزوريون،
آءُ تہ گڏ ڏوريون، سرتا! پنهنجي ديس لئہ.

دل جي ڪناري تي تون، ڇولين جيئن آئين،
مون سان ٽڪرائين، ۽ پوئتي ڪيئہ پيرڙا.

اکڙيون ڪامڻ مئي جيئن، ڇهرو جهڙو چنڊ،
مُنڊ بہ ڇڻ ڪو منڊ، پٿرائي وئي جيءُ کي

هر دل تي ڇائي، آزاديءَ جي ڳالهڙي،
اِجها ئي آئي، رُت بسنتي ديس تي.

***

# وايون

نــازبــوءَ يــاكــر پــري۔
تــون تـــي سُـــمــهِــيــن.
آن ۽ تـــنـــهــا آهـــيـــان،
ڪـيـئـن هـي ٽـاٽـو ٽـري؟
تــون تـــي سُـــمــهِــيــن.
ڪـــا نـــہ آ آڏي لـــڙي،
جـوت تــارن جـــي پـري۔
تــون تـــي سـمــهــيــن.
آهــ هـو جـو تـانـگـهـ ۾،
اڄ اتـــان پـــيـــرا پـــري۔
تــون تـــي سـمــهــيــن.
چـنـڊ ۾ چـوڙي چـڱـون،
۽ اڱـڻ خـوشـبـو ڪـري۔
تــون تـــي سـمــهــيــن.
ڏس ڪـتـيـن جـو قـافـلـو
ڪوئـي پـيـو تـو ڏي وري۔
تــون تـــي سُـــمــهِــيــن.

ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
متان لاهي هانءَ کي،
ويهو ماٺ ڪري.
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
تيسين ڪاهيو ڪرها،
جيسين دل ڀري.
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
جيڪو موتي واٽ تان،
تنهن جو ڪير ڪري.
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
اچو! ڌرتي ماءُ سان،
وچن اڄ پري.
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
هونئن حياتي جاڙ آ،
ڪو تہ معني ڀري.
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
رت مان ايارين سج ڪي،
جنئن هيءَ رات ٽري.
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.

ڪـــــهـــــڙي پــــــلـــــيـــــتــــائــــي!؟
جـــي تـــو مـــن مـــيـــرو نـــه آ.
ڪـهـڙا مـهـتـا بـت ڪـي، تـون سـارو صـفـائـي.
جـــي تـــو مـــن مـــيـــرو نـــه آ.
خـوشـبـو هـن سـنـسـار جـي، آ تـو ۾ سـمـائـي.
جـــي تـــو مـــن مـــيـــرو نـــه آ.
جـيـئـن هـو پـکـي اپ ۾، تـون ايـئـن اوچـائـي.
جـــي تـــو مـــن مـــيـــرو نـــه آ.
ڳالهيون تنهنجون ڳائبيون، ڪُوتا جـيـئـن پـتـائـي.
جـــي تـــو مـــن مـــيـــرو نـــه آ.

رات جي جادوگري نيڻ ويئي کسي-
ڏينهن چالاڪ هو ماري ڇڏيئين.
وقت جي هيءَ رهزني ڪير سمجهي نہ ٿو
جو نہ ٿو ڪو منزلن تي ڪڏهن پي رسي-
رات جي جادوگري نيڻ ويئي کسي،
ڏينهن چالاڪ هو ماري ڇڏيئين.
راهہ جا ڪويا ڪڏون ڪا رڪاوٽ نہ هن،
الميو آهي ڏناسين تہ رستي لسي-
رات جي جادوگري نيڻ ويئي کسي،
ڏينهن چالاڪ هو ماري ڇڏيئين.
جي نہ بينائي هجي باهہ معنا نہ آ،
پيون ڦٿن باڪون مگر ڪيئن ڪوئي پسي-
رات جي جادوگري نيڻ ويئي کسي،
ڏينهن چالاڪ هو ماري ڇڏيئين.

جـــــويــــــنُ پـــلـــــــن اڏامَ۔
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
سرڪش گهوڙو وقت جو روڪيو ڪنهن نہ لغام۔
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
سج اجا مس ايريو مٿان آئي شام۔
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
ڪيسين بسيرو ان تي؟ جيوَنُ ڪچيءَ لام۔
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
رات ستارن سُس پُسون ڪجي چنڊ غلام۔
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
عبث آريءَ چام ريءِ سسئيءَ سارا گام۔
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
ڪُوتا ڳڻتا ڪيترا، پاتا منهنجي نام۔
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.

ڪـــچـــو ڏِڳـــي ڳـــاڙهي،
ان تـــي نـــنـــڍڙي ٻـــارڙي۔
گاڏِيرَ ڀر ۾ ويٺي آهي.

سج لهي ويو تـڪرين پويان،
هـٽـي شـفـق ڪـي لالـڙي
اپ پـاتـي آهـي چـادري،
ڳـس ۾ پـهـتـي راتـڙي
اوسيـئڙي ۾ ڏيـئن۔اڪ سان،
جـهـوپـا پـائـيـن جـهـاتـڙي
ڪـــچـــو ڏِڳـــي ڳـــاڙهي،
ان تـــي نـــنـــڍڙي ٻـــارڙي۔
گاڏِيرَ ڀر ۾ ويٺي آهي.

ڪا اڄاتي جي پڪار۔
روز ٿي مون کي سڏي،
تون وڃي مون ڪان پري، ڇا ڪو نہ ايندئين هٿ پيهار!؟
نازبوءَ جيئن مهڪ ڏين ٿي، تو بدن ڄڻ ڪا بهار.
تون اڪيون ڪولين صراحيءَ جيئن، چڙهن ڪيڏا خمار!
ڄڻ چميون آڇي پئي هيءَ جا ستارن جي قطار،
تا چون گهوڙا شفق جا: اچ! آهي رَٿُ تيار.
چاندني تنهنجون ڇڳون ۽ تون پره جا آنهِ پار.
ڪا اڄاتي جي پڪار۔
روز ٿي مون کي سڏي،

ماءُ کي ڀاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.
پيار ڪيڏو مامتا ۾!
ساءُ کي ڀاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.
سنگ کي تو سنگ سڃاڻي،
ڀاءُ کي ڀاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.
وار هن جا پيا اڏن ۾
واءُ کي ڀاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.
آ خدا آيو لهي ڇڻ،
اُهاءُ کي ڀاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.

اُپ جا سپ ٿي نيڻ-
توکي تڪينِ ٽا پيا.
ڦڻ ڪڍي هت ڪيترا،
ڪاريهر ڄان ويڻ-
توکي تڪينِ ٽا پيا.
ها! هي پنهنجا شهر هن،
دشمن جهڙا سيڻ-
توکي تڪينِ ٽا پيا.
اوسيئڙي ۾ ڳوٺڙو
پائر توڙي پيڻ-
توکي تڪينِ ٽا پيا.

نــازبــوءَ جـــي مـــهـــڪ اڄ-
ڪـيـتـري مـون کـي وڻـي ٿـي!
لال چـــهـــرو هـــيـــٺ اکـــڙيـــون،
هـي ڇـڏ ڇـڏاءِ، تـنـهـنـجـي لڄ-
ڪـيـتـري مـون کـي وڻـي ٿـي!
جـيـتـري مـون ۾ ڪُـلـيـن ٿـي،
اوتـري مـون کـان ٿـي ڪـڄ-
ڪـيـتـري مـون کـي وڻـي ٿـي!
پـيـار ۾ پـاٽـان نـکـاريـن،
تـنـهـنـجـي دلـڙي ڇـڻ تـہ ڇـڄ-
ڪـيـتـري مـون کـي وڻـي ٿـي!

لاڙُ لَهرون، سمنڊُ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
ڪيئي بندر راتڙي،
يادون زلفن، چنڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
ڪيڏي آهي چنڊ لئه،
هر هڪ وِير اکنڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
هئه هئه ڪونج اڏارَ ڏس!
پاڻيءَ، پاڇو منڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
پيالو آڇ ٻه شفق جو،
ساقي! ڇڏ گهمنڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
ڪنهن جي پاڪر ۾ ستين؟
او اونداها ڪنڊ!
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
قتل، غلامي، شڪستون،
تاريخ گُهري ڏنڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
اَڄ هڻ تون وقت کي،
ساريون صديون ونڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.

اڃا مغروري۔
وئي آهہ نہ ماڻهوءَ مان.
اڃا دولت پاڻ لئہ، تو سمجهي ضروري
زندگي پٽ ڪوهہ ۾، تي وڃي تي پوري
حُسنَ عشقَ وچ ۾، آهي اڄ بہ دوري
اڃا مغروري۔
وئي آهہ نہ ماڻهوءَ مان.

ڪيسيتائين تون-
دور گذارِيندِينءَ؟
اتر وڏ وجهي، راتيون سياري جون.
توڏي تاڻي من، تنهنجون ئي يادون!
توکان پري گهڙيون، آيون ٿي ڪاتيون.
توکي تانگهہ نہ آ، توکان وسرياسون!؟
ڪيسيتائين تون-
دور گذارِيندِينءَ؟

ايــڏي جـهــٽ پــٽ!
ويـئـي ســارَ وِسارَ ٿـي!
ڪنهن ڇَپيئي او چري!
ســيــڻ ســونَ تـي ٽـٽ۔
ايــڏي جــهـــٽ پـــٽ۔
ويــئــي ســار وســار ٿــي!
پيار نديءَ جيئن هـو پر،
هــاڻ اڏامـــي لـــٽ۔
ايــڏي جــهـــٽ پـــٽ۔
ويــئــي ســار وســار ٿــي!
سوچي تـوتـي سـانـوري!
روح ۾ اُٿـــي ســـٽ۔
ايــڏي جــهـــٽ پـــٽ۔
ويــئــي ســار وســار ٿــي!
اڄ ٻه ڪا جا انگ اڙي،
پـيـا ڇُـڙي ڇُـتـا ڦـٽ۔
ايــڏي جــهـــٽ پـــٽ۔
ويــئــي ســار وســار ٿــي!

رات اڄ تـي چـنـڊَ، ڏس!
کيترا واڪا ڪيا ها.
جيئـن داڻا پيسيا پـي،
ڪرب وچان پـي جنڊَ، ڏس!
کيترا واڪا ڪيا ها.
هو بمن جون بارشون ٿيون،
رات نـنـڊي ڪـنـڊَ، ڏس!
کيترا واڪا ڪيا ها.
عشق ڦيرايون اکيون جيئـن،
حسـن جـي هـن منـڊ، ڏس!
کيترا واڪا ڪيا ها.
بـيـوفـا ٿـيـا جـو سـتـارا،
هـيـڪـلـي پـوءِ چـنـڊَ، ڏس!
کيترا واڪا ڪيا ها.

رات پر تنھنجا خيال_
روز ايندا ٿا رهن.
ماڪ پياڪن جي مٿان، يا
ٿي وسي ڪوءِ ڪلال_
رات پر تنھنجا خيال.
ڇا تہ ڏاڙهونءَ منهن ڦلاريا،
هاءِ جوڀن ۽ جمال_
رات پر تنھنجا خيال.
ڪيستائين دور رهبو؟
ٿئي ڪڏهن هاڻي وصال_
رات پر تنھنجا خيال.
شام جي ڇهري مٿان هي
ڪنهن مکيو آهي گلال_
رات پر تنھنجا خيال،
روز ايندا ٿا رهن.

ترڪي نيڻ نهار سان.
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
اکڙيون هيٺ جهڪائي ۽،
مرڪي، چپن ڪنار سان.
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
ويهي ماڻهن وچ ۾،
آڱر جي تہ اشار سان.
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
توڙي رات ڪٽي هئي،
جوبن ڪيپ خمار سان.
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
ڪيڏا توتي موهيا!
عاشق قول قرار سان.
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
هُن پر کهڙيون چاندنيون؟
وينگس! ٻئي رخسار سان.
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
دور ستارا مرڪيا،
سرتي! تيڙوءِ هار سان.
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
سان اجرڪون عشق جون،
رڱيون ڏاڍي پيار سان.
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.

# ٽيٿرو

ڪيٽي بندر تي
ڪونجون اچي لٿيون
ڪالهہ سمندر تي.

*

شاهبندر ۾
پکين جيئن گيت اُڏن پيا،
منهنجي اندر ۾.

*

سرنهن کيت ڪڙيا
وري سڳنڌون واءُ ۾
وري گل ٽڙيا.

*

ٻهراڙي ٻهڪي
کيت لڏن ٿا واءُ ۾
گهٽي گهٽي مهڪي.

*

ڪري تيل قليل
مهڪ وسائي نينگريءَ
هٿي چڙ رابيل!

*

پاڻيءَ ۾ لهرون
ڪيڏيون سهڻيون ٿيون لڳن
قطارون پکين جون.

*

هٿي تہ اڪيلائي
پوءِ بہ تنهنجي ڳالهڙي،
مون سان گڏ آئي.

*

اچا تازيون هانوَ ۾
جيڪي ڪيونسين ڳالهڙيون
تنهنجي زلفن ڇانو ۾.

*

اُپري لِڪي ٿي
اچا ڪائي آرزو
توڏي ڇڪي ٿي.

*

تو چيو: وڪيل؟
مون چيو: گهرجي ڪو نہ ٿو.
عشق خود دليل.

*

ڇٺوا منهنجي ٿيندِئين!
پونم جهڙا پيار ڏئي
ڪٿ تي تون ڪِڙندئين!

*

رات جي ٺاريءَ ۾
تارا لڙڪن ٿا پيا،
چڙ انب ٻهاريءَ ۾.

*

کهڙو جيئان آنءُ!
مون تي رهي ناهي ڪا
هاٿي تنهنجي ڇانءُ.

*

ڪلانگر، پاڻي، پٿون
ڪيڏي سونهن وسي پئي
ٻهڪن ٿر جون مِٽون.

*

در تي ڪڙڪو
بنا سبب ويو وڌي
دل جو ڌڙڪو

*

سالن پڇاڻان
ملياسين تہ چانهہ پيئڻ لئہ
ڪيائين پئي ماڻا.

*

سمنڊ ڪنارو سانجهي
لهرون رتوڇاڻ ٿيون
موتيا ٽڪل مانجهي.

*

مدّم روشني، ريسٽورنٽ
تنهنجون ڌيميون ڌيميون ڳالهڙيون
دل تي تي ويون اٽمٽ.

*

صبح ويل، موتيو
جيئين ڪليون پنڪڙيون
پئونر اچي ويٺو.

*

آڌيءَ رات، اوسيئڙو
توکي ڏسڻ لاءِ چنڊَ
پاتو دريءَ مان ليئڙو.

*

شاخ ڪناري ڳوٺڙو
ٿڌي چانڊوڪي پاٽيءَ ۾
مٿان اپري چنڊ ڪڙو.

*

شاخ ڪناري ڳوٺڙو
شام هِير، پسيل بدن
نينگريءَ پريو گهڙو.

*

پئي تڙي ڪنول جان،
واهہ مان نڪتي نينگري
ڇِيئن پسيل چولي سان.

*

شاخ، ڪنارو ٻير،
سامهون سرنهن کيت ۾
اچي لٿا ڪبوتر.

*

اڪيلائي، عذاب،
ها، پر هاڻي تي ويا
دل جا گهاءَ گلاب.

*

ٿو بن آنءَ اداس،
دک لڳي تي هر دِشا
هاڻي ڪهڙي آس!؟

*

جمڻ آهي انت
ساري پيڙا زندگي،
ماڻهو هوئڻ اننت.

*

گوتم: جوين ونت
سرومر دکمر دکمر.
جمڻ ڪارڻ انت.

*

جوڙا رستن تي
اڄ بہ ساريون ٿا پيا
ڄامشوري کي.

*

آرٽس فيڪلٽي
ڊاهپ، علم، سونهن ـ گهر
سنڌ يونيورسٽي.

*

ڪيڏي آ هيڪارا
گلابن جي ڪيت ۾
بيٺل ڪائي نارِ.

*

مائرن سرهايون
آيا سانوڻ مينهڙا
پريون ترايون.

*

جوين ڦاٽي تو
اکيون کٽي کيپ مان
آرس پڳي تو!

*

مرڪي ڏسين تي
کٽي اکيون چاهہ مان
دلڙي کسين تي.

*

آرس پڳي تو!
اپريا ارهہ سٽ سان
ادڙي پيو چولو.

*

ببو ڏٺي تي
ممتا آٽي منهن تي
سرهي ٿئي تي.

*

ڀار روئي تو
اڇي ماءُ هنج ۾
شانت ٿئي تو.

*

پهاڙن ۾ گونج
اڪيلي آڪاش ۾
رات اڏاٽي ڪونج.

*

پڳو ٽوڙو
ڏيو هيو سنڌ جو
سن جو پوڙهو.

*

جي ـ ايم ـ سيد!
صديون توتي مرڪندي
هيءَ جا پنهنجي سنڌ.

*

تو جو ڏنو ساهہ!
پختو تي ويو سچ ۾
ماٿهوءَ جو ويساهہ.

*

تبديلي ايندي،
اڇي ساريءَ سنڌ کي
سرهائي ڏيندي

*

مون ۾ رهنديون تون!
خوشين جي هر ڪنڊ ۾
سدا جيئنديون تون!

*

ميندي هٿن تي
سوچي رات سهاڳ جي
ڳنوار لڄ اچي.

*

هن جو پير ڪنيا
انب لڏن جئن واءَ ۾
ايئن ارهہ لڏيا.

*

سارين جي خوشبو
اچي پيئي زمين مان
هارين جي خوشبو.

*

چوڏس ڏنائين
ويهي پوءِ نياڻ تي
ڪپڙا لاٿائين.

*

اکڙيون ٻوٽيائين
وجهي پاڻي ٻت تي
ڇاتيون مليائين.

*

آجو نہ ڪوئي فرد
پاتارن پولار ۾
رڳو درد ئي درد.

*

جيون دک آهي
ها، پر پوءِ بہ ان ۾
ڪوئي سک آهي.

*

تيسين ماڻين تو
دک سک هن جهان جا،
جيسين جاڻين تو.

*

سڀ ڪجهہ فاني آ،
پوءِ بہ ماڻهو روح ۾
ڪجهہ لافاني آ.

*

ڪجهہ بہ تہ ناهي
جِيوَنُ ڪچي ڏور آ
ڪو بہ نہ ساچاهي

*

اڳتي ڇاهي!؟
سارا سانگ حياتيءَ سان
موت تہ ڪجهہ ناهي.

*

وڇوڙي جي ويلَ
ڪڏهن ايذائي ٿا وڇن
ماڻهو جي رابيلَ.

*

گهنڊ مندر ۾
درد اچاتو جاڳي تو
هيڪلي اندر ۾.

*

شام، سنڌوءَ ڪنڌ
جيءَ نہ آهي قرار ۾
دردَ نہ آهي ننڊ.
*
هڪ دل، هڪُ آئون
ڪُٽي ڪُتن ڪو نہ ٽيون
جيئري تمنائون.
*
شام مال، ٽِليون
ڪٽي چروُڙيون هٿ ۾
پا ڳياٽيون ڪِليون.
*
چا لئہ لوڙيون ٿا؟
ڏاهي هن سماج کي
نئون نہ جوڙيون ٿا.
*
شام، ٽليون، مال،
سانجهي لٿي آ ڳوٺ تي،
ٻارن جي سنڀال.
*
نُوريون مهاٽيون
اڄ بہ ڪينجهر جر ۾
ڪيئي ڪهاڻيون.
*
ٽٽل چوڙيءَ ٽڪرو
ڪير ڇڏي وئي خوشبو
ڳالهائي نہ شيشو.
*
تون بہ تہ آهين ڪو نہ.
پرين منهنجي پيڙ جو
ڪنهنکي ڪو بہ پتو نہ.
*
هلچل آ جر ۾،
ڪيرَ ڇڏي وئي خوشبو
وهنجِي ڪينجهر ۾!؟
*
دلڙي تي آتي
زلف اڏامن واءَ ۾
فضا مڌ ماتي.
*
هر ڪنهن کي سڏي ٿو
الصلواتُ خير مِن النوم
آواز فجر جو.
*
وهنجي ويون جر ۾
ڪنهنجي ڪنهنجي خوشبو
آهي ڪينجهر ۾.
*
هِر ڪنهن سڏي ٿو
سنجها ٿاٽي سوزمان
گهنڊ مندر جو.
*
پکو ٽوڙو
چا چا سپنا سنڌ لئہ
ڇڏي ويو پوڙهو.
*

اوچو آ آڪاس
ان کان بہ مٿي ٿو وڃي
ماڻهوءَ جو وشواس.

❋

پٽر تي ويا آهيون،
ماڻي تنهنجي درد کي
جڻ تہ مري ويا آهيون.

❋

پٽر تي ويا آهيون
کهڙو لوڪ لڪاءَ ڏيون
ڳوڙها پِي ويا آهيون.

❋

سرءُ جي موسم
ڏاڍي شام اداس آ
سر وم دکم دکم.

❋

ڪڏهن ايندينءَ تون!؟
ايندا ڏينهن وصال جا
ٽڙنديون اميدون.

❋

تارا چمڪن ٿا
چانڊوڪيءَ ۾ گلن جا
ٻارا چمڪن ٿا.

❋

تارا چمڪن ٿا
اويري مسافر لئہ
چارا چمڪن ٿا.

❋

گهايو زميندار
هارياڻي جي گهُور سان،
هاڻ نوان آزار.

❋

شراب جيئن ڪڙيون
پوءِ بہ تن ۾ خمار آ
وڇوڙي جون گهڙيون.

❋

منهنجي دل ۾ تون
ٽڙينءَ ڏاڙهونءَ گل جيئن،
چاهہ ڏئي مهڪون.

❋

چنڊ اڪيلو
تري پيو آڪاش ۾
جڻ تہ ٻتيلو.

❋

اپ آ سمنڊ جان
چنڊ جي ٻيڙيءَ تي چڙهي
مان ڀِئي پار وڃان.

❋

ٻهہ ٻهہ يار ٻري،
ڪائي تشبيهہ ڪا نہ آ
جيڪا پيٽ ڪري

❋

اکڙيون ڪنول جان
لڙڪ پنبڻين ۾ رڪيل
ڏسن ڏک منجهان.

❋

رڻ جهڙي هيءَ رات،
ڪيئن چئجي ڪڏهن ايندي
وصل جي پرڀات.

*

هنجون هارين ٿو
ڪير ويا ٿئي ويسلا!
ڪنهن کي سارين ٿو.

*

سونهن جهپي ٿو
پِيريءَ ۾ پيي روح کي
پيار ڪپي ٿو.

*

ڏسي ڪلي تي
چوري ڏاڍي ڪيچلي؛
پر نہ ملي تي.

*

سدائين وهي ٿو
هي حسن جو آبشار
ڪيڏانهن ڪهي ٿو.

*

هڪ دوست هئين تون
سو ٻئي پار هليو ويو آهين؛
هاڻي هي اڪيلايون.

*

ماڪ گلڙن تي
ايئن وسن ٽيون چميون
ڳاڙهن ڳلڙن تي.

*

نيٺ تہ بدلجندو
ماڻهو هاڻ تاريخ ڪان
ڪجهہ نہ ڪجهہ سکندو.

*

ساڳيا تجربا
آهن اڄ بہ جهان ۾
جنگيون ۽ واڪا.

*

ساري امرتا
ماڻهوءَ لوڙهي آ چڏي
پنهنجي ـ نمرتا.

*

پاڻ پُسائي ٿي
برڪا رت ۾ بانوري
باهہ لڳائي ٿي.

*

ڪونجون ٽيون ڪرڪن
سانجهيءَ جي آڪاس تي
تارا ٽا جَرڪن.

*

او وڇوڙيل يار!
ڪونجون ڪرڪن اڀ تي
آئي تنهنجي سار.

*

ڪنهن کي ڳولي ٿو؟
نڪري سَر جي اوٽ مان
تتر ٻولي ٿو.

*

سهڻي چِتر ڪيِّ
ڊاهين تون بندوق سان
متان تتر ڪي.

❊

چِتون لڏن ٿا
ويهي وڻ جي لامر تي؛
انب ٽُڪن ٿا.

❊

ڪوئي ڪوئي خال
ڪڏهن پرجي ڪو نہ ٿو
گذري صديون سال.

❊

گوڙ ٻڌي ٿي،
جهرڪين جا چت ۾ ڪيل
ڏر پوري ٿي.

❊

سج لٿو خوف
گهر ۾ بند ٿيا ٻارڙا
جاڳي ڪلاشنڪوف.

❊

مينهن ڏُهي ٿي
جڻ تہ پنهنجو مال سان
پيار ڇهي ٿي.

❊

پنهنجي سرتيءَ کي
ڪيڏو چاهيون ٿا
پنهنجي ڌرتيءَ کي.

❊

صبح تو جر ڪي
سياري جي اس ۾
ٻارُ پيو مرڪي.

❊

مهڪي مگرال
خوشبو سان ويا واسجي
ٻني ۽ ٻڪرال.

❊

ٻڪا ڪاٽو نبا
هارياڻيءَ نِوڙي هيٺ
پٽيا ڪجهہ ڇڳا.

❊

سئونفن جي ڪيت مان
جڻ تہ خوشبو پئي اچي
پٽائيءَ جي ٻيت مان.

❊

سرنهن جي ڦولار
جيئن ڪي بيت پٽائيءَ جا
گلڙن جي قطار.

❊

قِل قِل پاڻيءَ جي
ڇِڪي آئي اُت کي
لغار لاٽِي جِي.

❊

گهوڙو وڃي پيو
لس ٿي لس خمار ۾؛
جوڙو وڃي پيو.

❊

سرهيل واسي ٿو
واهوندي ۾ ڳونڙو
سُرهو پاسي ٿو.

رلڪو سبي ٿي
ايندو ڪڏهن پارڙو؟
ڏينهن ڳڻي ٿي.

*

ٻير ٽا ڏوٽين
۽ پوءِ پٽ تان پارڙا
جهولي ٽا پرين.

ٻير ۾ پلڙا،
ڏنار جهڪائي ٽارڙي
ڏڪي ٻڳا چيلڙا.

*

لڪي لڪي پهتي
وڻ جي هيٺان ڇوڪري
جمون ميڙي ٿي.

رلڪو ٽاڪي ٿي
جڻ تہ مستقبل ۾
اڳتي جهاڪي ٿي.

*

ڳچيءَ تي گلڙا
ڇاتيون گل گلزار ٿيون
پرت رنگ رڇيا.

سَرهي ٿئي ٿي
سور وساري وياءَ جا
بالڪ چمي ٿي.

*

ڦُٽي جيئن سحر
سجايو هُن چوٽلو
ثريا گل مهر.

ڪنپ ڦهلائي ٿي
ڏسي ڪڪڙ باز کي
چوزا لڪائي ٿي.

*

جهرڪين جي چُون چُون
مٿان گوڙ ٻارن جو،
پوڙهي کي جُنجهڪيون.

ٻيهريءَ جي ويل
نڪتا پکي مارڻ لئہ
نينگر کڻي گليل.

*

اڱڻ ۾ مايون،
نم جي ڇانو ٻيهري
رليءَ تي ڳالهيون.

اپ چنري بدلائي
جاڳيا جادو شفق جا،
سانجهي اِجها آئي.

*

سانجهہ لٿي آهي
نيرِي چادر ڪلهن تي
اپ وڏي آهي.

❁

سُتي اڱڻ تي
بيهي چنڊ مٿان
ڏسي ٿو ان کي.

❁

ڊيل نہ آئي ڪور
ڪيڏو رات ٺهوڪيو
ڪارونجهر تي مور.

❁

سدائين ڦُرڦُر
ڪنهن لئہ اکين ۾ ٿي رهي؛
اڄ بہ چانيو جهڙ.

❁

وٽيا ٻارن کي
پوپٽ چڙي آ ويو
رنگ هٿن تي.

❁

ڪڪر ٻوڙن ٿا
آزاديءَ سان آڪاس ۾
چِتُر جوڙن ٿا.

❁

ڪيستائين تون
رهندين مون کان دورا؟
گڏجي چو نہ جِيُون!

❁

مومل ماڙيءَ تي
روئندي، راڻي جِي
ويٺي راهہ ڏسي.

❁

سومل ٿي پڇي:
"چا آهي مينڌروا؟"
مومل ٿي لڇي.

❁

ڪير ڪير وٺولڙي
ٻار نڪتا آهن ڪيڏڻ لئہ،
برسات جيئن بيني.

❁

برسات جيئن بيني
چوڏس ويئي پکڙجي
خوشبو مٽيءَ جي.

❁

ماني ڪٽي گهران
مڙس لاءِ ٻنيءَ تي
آئي چاهہ منجهان.

❁

اچا اڇن ٿيون
سڳنڌون سرير جون
مون ۾ نچن ٿيون.

❁

ڪيڏانهن ڪهي ٿي؟
توڙي پري آهہ تہ بہ
مون ۾ رهي ٿي.

❁

ماڻهو! مٽيءَ جي
تنهنجي پور پور مان
سڳنڌ اچي ٿي.

❋

جيئن ئي سٽي هوءَ
سارو بسترو ٿي ويو
خوشبو ئي خوشبوءِ.

❋

سدائين سارين!
هوءَ جا تنهنجي جوڙي
مٽان وسارين!

❋

ڏاڍا ڪشالا
جيونُ وٽ وٺان رڳو،
وقت چڙهه پالا.

❋

لهرون اٿيون جر مان
آڙيون لٿيون ڍنڍ تي
ڦيرو ڏيئي مٿان.

❋

آڪاش وٽي تو
پکين وڳر واءَ ۾
ڪنيڙا هٽي تو.

❋

ڪُڪڙ لڳي تو
زندگي داڻن جيئن،
وقت چڳي تو.

❋

روشنيون ترن ٿيون
عڪس وجهي پاڻيءَ تي
ٻتيون ٻرن ٿيون.

❋

چارا سڏين ٿا
مون کي تنهنجي روح جيئن
تارا سڏين ٿا.

❋

آڪاش ٻري ٿو
ستارن سان سونهن ۾
جادو ٻري ٿو.

❋

آڪاش ٻري ٿو
ڪيڏي سهڻي ڪائنات!
روح ٺري ٿو.

❋

آڪاش ٻري ٿو
ستارن جي سمنڊ ۾
چنڊ تري ٿو.

❋

آڪاش ٻري ٿو
ڪير ڏارا جي پويان چنڊ
ننڊڙي ڪري ٿو.

❋

اپ نه گهمن ٿا
تاڻي چادر رات جي
ماڻهو سمهن ٿا!

❋

آهن سڀ اَمُل،
ڪهڪشان جي باغ ۾
تارو تارو گل.

✽

تارا ڪِرَن ٿا
ڪهڪشان جي باغ ۾
گلڙا ٽِڙن ٿا.

✽

ڪيئي چارا هن
ڪهڪشان جي باغ ۾
لکين ٻارا هن.

✽

سڀ ڪجهه هوءِ مٽي،
وري ويئي من تي
توڪانپوءِ مٽي.

✽

آدرش پچن ٿا
مٽئي مٿان ماٺهوئڙا
موهجي وچن ٿا.

✽

پهاڙ مٿان چنڊ
چاندي جيئن آبشار
گرجيو من ـ سمنڊ.

✽

پهاڙ مٿان چنڊ
اِيري آيو جيءَ تي
ڪوئي نڪورو منڊ.

✽

سياري جي ٻپهري
اجهو شام مٿان لٿي
هر شئي سونهري.

✽

پيئونر اچي ويئو
بدن جي ٽاريءَ تي
عشق نچي ويئو.

✽

ڪيئي تمنائون
آهن پنهنجي جيءَ ۾
سوين ڪهڪشائون.

✽

تڪي پيا آهيون
توڪان پري رهي پرين!
مري ويا آهيون.

✽

آرزوئن جي اڏار
روز ٿي تو تائين پهچي
دل عجب آ شهسوار.

✽

سمورا مانجهي
وريا آهن گهاٽ ڏانهن
لٿي آ سانجهي.

✽

ايڏا رساما!
توبن جيون پڙ ڪٽيل،
آءٌ! تہ اڏامان،

✽

ويهي ترڪي تي
سياري جي صبح ۾
بدن تي سيڪي.

❋

بتيون ٻرن ٿيون
شاهراھ تي قطار ۾
گاڏيون وچن پيون.

❋

در تي وڳي گهنٽي
ڀڏي سگهيو ڪينڪي
ڏنئين پئي ٽي وي.

❋

منهن موڙي وئين
دل ۾ تير جدائيءَ جا
تون ڪوڙي وئين.

❋

وڏي شهر ۾
ماڻهو آهي هيڪلو
هر هڪ پهر ۾.

❋

ماءُ مرڪي ٿي
لال گلاب وانگيان
ڪنوار جرڪي ٿي.

❋

اکڙيون ملن ٿيون
پيار ڦُنڊ ڪانپوءِ ٿي
دلڙيون کِلن ٿيون.

❋

چنڊ چمڪي ٿو
پر هو بند فليٽ مان
ڪو نہ ڏسي ٿو.

❋

سڀ ڪجهہ مصنوعي
جيڏو وڏو شهر آ
ايڏي آ دوئي.

❋

چمڪن ٿا چارا
سياري جو آڪاش
ڪيڏو اجرو آ.

❋

ڪٿي آ ورڪا
ڦلواڙي جي مٿان
اڇي اج برڪا.

❋

شبنم گلن کي
چميون ڏنيون پيار مان
جڻ تہ ڪِلن تي.

❋

ضد ڪري ٿي
ماءُ اڳيان نينگري
شئي لئہ رڙي ٿي.

❋

رڳو رت ولوڙ
شهر پالها پيار ڪان
بچيو وچي گوڙ.

❋

ڪتو پؤنڪي ٿو
ڪونهي ڪوئي راهرو،
رستو سمهي پيو.

❋

ننڊ ۾ مرڪي ٿي
ڄڻ تہ ڪوئي سهڻو
خواب ڏسي ٿي

❋

تنهنجا سپنا
اڄ بہ ڏسي ٿي سنڌ
موهن ڪلپنا!

❋

سنڌو جو پاڻي
ساري ويٺو اڄ پيي
ڪيرت ٻاٻاڻي.

❋

مريم طيبي!
فرشتي جهڙي دلڙي
چئہ ڪيئن تو سان لڳي.

❋

اوءِ تراڪي!
وَسايئي دل جي ديس کي
هئہ هي عاشقي!

❋

سپاهملاڻي جيٺي
سيد، سنڌ جي دل ۾
تون هڪ ئي وقت پيٺي.

❋

امڙ ايلسا
اڄ بہ تنهنجي پيار جا
آهن هت قصا.

❋

آيو آهين تون
ايڏو پنڌ ڪري پرين!
جاڳيون اميدون.

❋

تو ڏي تاڻي دل
روز ملڻ جا سوين
سپنا آڻي دل.

❋

پورهيو ڪري ٿو
پوءِ بہ ٻچڙو پورهيت جو
بکن مري ٿو.

❋

مون تي ڪر نہ چٽر،
آئون وڻ ميوائتو
تڏهن لڳن پٿر.

❋

هوريان ٿي گهمي
ندي جي بدن کي
هوا ٿي چمي.

❋

ڪائي ڪائي نديءَ
آهي سندس ديس کي
ڄڻ ڪو هار ڳچيءَ.

❋

سنڌو نديءَ
جڻ تہ سنڌو ديش کي
آهي هار ڳچيءَ.
*
پنهنجي ڌرتيءَ کي
ڪوئي ڪوئي پهاڙ
جهومر پيشانيءَ تي.
*
سنڌ ڌرتيءَ کي
آهي پنهنجو کيرٿر
جهومر پيشانيءَ تي.
*
ڪنن ۾ جهومڪيون
اڇل ڪائي ڳلن کي
ڏين پيون چميون.
*
درد دکائي وئي
اڇي رات هيڪلي
دل ڏکائي وئي.
*
ٽيڙو ويا ٽاٽي
هاءِ پرين! هيءَ دلڙي
توڙي ئي ٽاٽي.
*
ننڊ نہ اکين ۾
پرين پنهنجي پيار جون
ڳالهيون سکين ۾.
*

آرسَ پڳي تو
ننڊ ڦٽي آڪاس جي
پاتو چنڊ ليو.
*
شال ڳلي لائين
اڳتي وڏي پيار لئہ
تون وار وچائين.
*
ڇاهي لڙڪن ۾!؟
بيهي ڪئين صديون ويون
تنهنجي اکڙين ۾.
*
من جي پينگهي ۾
آءٌ! تہ توکي لوڏيان
دل جي چينگهي ۾.
*
ڇو پاڻ رلائين!؟
کھڙي ڪارڻ ور ڪان
ڪاوڙ جي آئينءَ.
*
کھڙي ڪجي پيٽ
توکي ڇاتيءَ تي پيو
چميون ڏي لاڪيٽ.
*
پرهہ ڦٽي ويئي
ڪڪڙن دس هنيا
اک کلي ويئي.
*

لهر لهر کي
آهي پنهنجو رنگ
ڏهر ڏهر کي.

*

ڪيئڻ اشارا
ٻري پيا دل ۾
سوين ستارا.

*

توکي ساريو سي
مڌ جيان آهين تون
ڪيپ اکين تي.

*

تنهنجو ناڻ
جيئڻ ٿي ورتم سپرين!
هلڪو ٿيو هاڻ.

*

نارائڻ شيام!
آهي تنهنجي شاعري
پرهه جو پيغام.

*

متان ورهائين
هر ڪنهن سان هيءَ راتڙيون،
وفا لڄائين!

*

رنگ اٿن گيڙو
آهن ڪونج اڏار جيئن
پنهنجا هي ٽيڙو.

*

توکي ڇميو ڇمان
ڇڪي آئينءَ هنج ۾
مون کي پيار وچان.

*

پئونرن پيو پتو
مهڪ اڏاڻي واءَ ۾
بدن تو ڏوتو.

*

اکيون ٿيون چار
ڏنئي عجب گهور سان
انڪار هيو يا اقرار!؟

*

لڙڪ ڪري پيو
آئي تنهنجي سار
پيچ پنيءَ جو.

*

برکا رت ۾ واڙي
ائين لڳي من موهڻي
عورت جيئن لاڙي.

*

ڪڏهن ايندينءَ تون؟
اڇي باک بسنتيءَ جا
گل چُنيندينءَ تون.

*

سمهي پئينءَ تون
مون ساري رات چنڊ سان
ڪيون رهاڻيون.

***

# نظم

# ساڏوري تي سج لهي تو

ساڏوري تي سج لهي تو
ٽڪرين تي هو ٻڪريون ٻوڙي
گهر ڏي واپس موٽيون آهن
اڄ ٻه پراڻا چارا ساڳا
مارونڙن تي مارا ساڳا
اونداهي جي چادر اوڙهي
جهوپن جي دل ڌڪ ڌڪ ڌڙڪي
ڇڪ ڇڪ ڇڪ ڇڪ ريل وڃي ٿي
ٻار ڏسن ٿا ڪانہ بيهي ٿي
هيءَ تہ ڪراچي جاڳي آهي!
صديون گذريون اونداهي ۾
هن جي قسمت ساڳي آهي!
وينگس چَپ تي چُپ ڇهنائي
پيار سوا تي سياري ٿڙڪي
پوڙها پَن جي ٻيڙي وانگي
ساڙي، ويا اڇلايا آهن
ءِ هي ويهين ٽيهين واري
سا ٻہ جواني ڪا نہ لڳي ٿي
سارا ڏينهن ٻسا ٿا گذرن
اپ ڪشادي چادر وانگر
تِن جي اوگهڙ ڪو نہ ڍڪي ٿو
وقت موالي پيءُ جئن آهي
ٻک ۾ پنهنجا ٻار چڏي هو
ابدي اوتاري ڏي ڪاهي،
ٽڪريون ساڳي خالي دل سان
ماٺهو تن تي مونجهي من سان

گھاٽي ۾ ڇڻ روز ڳھن ٽا
قطرو قطرو ڏک پيئن ٽا
ڦريل هر سرهائي آهي
ڪا ٻه نواڻ نہ آئي آهي
درد رڳو ڏينهن رات رهي ٿو
ساڏوري تي سج لهي ٿو.
*

## خواب

رات ڏور ڏور ڪان،
خواب سپ اُڏي اچي،
منهنجي من تي ڇانئيا؛
يار جي خيال سان،
پيار ڀاڪرين پري،
لڳ لڳ رانئيا!
*

## دوستي مونسان نہ رک

ماڪ جي ڪنهن پيي ڦڙي
توکي اچا ناهي ڇهيو
ڪو بہ پئونر و مست تي
توتي اچا ناهي پريو
واس تنهنجو بند آهي
پنکڙين جي قيد ۾
تون تي لڳين
ڇو تہ ڪا ڪومل ڪلي
او من چلي، او چنچلي، او ڪيچلي!
عشق تون مون سان نہ ڪر!
دوستي مون سان نہ رک!
تون انوکي مڌ آهين
ڪنهن شرابي جي جواني
۾ وهين ٿي
کيپ ۾ جيڪا ٽڙي ٿي
سا خماريل سڌ آهين
وڌ کان پيي وڌ آهين
ڪاڪ جي ڪنوارين ڪڪوريل
ڪن اکين جي خواب وانگر
ٿي لڳين ڏاڍي پلي
او من چلي، او چنچلي، او ڪيچلي!
عشق تون مون سان نہ ڪر
دوستي مون سان نہ رک.
آنءُ پنهنجي هن اپاڳي ديس جو
دربدر ڪو فرد هان
درد ئي بس درد هان

قيد خاني جون ڪڙيون ۽
دار جي ڪا دلبري
مون کي ڇڪي ٿي
۽ پهاڙي پٿرن جي اوٽ هر ڪا
راهہ ٿي منهنجي تڪي
مون لئہ سڪي ٿي
ٿي پرانهين ڪان سڏي
هو ريت جا منهنجي رلي
او من چلي، او چنچلي، او ڪيچلي!
عشق تون مون سان نہ ڪر
دوستي مون سان نہ رک.
راتيون جاڳڻ
لڙڪ ڳاڙڻ
درد پالڻ ڏي ڇڏي
۽ وڇوڙي کي ڏئي ليڪون سڪي!
تون وصل جي واٽ وٺ
سادڙي ۽ سودڙي ڪنهن ڇوڪري
جي جواني مان ڦٽندڙ
نئين پرهہ جي واٽ وٺ
مون سان نيائڻ آ ڏکيو
جوين جلائڻ آ ڏکيو
مرڪ تي جيڪا ڪُٽي
ٿي زندگي جي سا ڳلي
او من چلي، او چنچلي، او ڪيچلي!
عشق تون مون سان نہ ڪر
دوستي مون سان نہ رک.

## تنهنجو گل

زماني جي ستمگيري دوران،
ماڻهن جي هٿن ۾ پٿر هيا،
۽ سامهون جسم منهنجو هيو
پٿرن رڳو جسم کي ڇلي ڇڏيو
روح تائين ڪا بہ رهنڊ نہ پهتي؛
سنگباري جي قطار جي
آخري ڇيڙي ۾ تون هئين!
خوشي ٿي تہ
ان ميڙ ۾ تون هئين!
۽ تنهنجي هٿ ۾ ڪو بہ پٿر نہ هو،
جي هو تہ ڪوئي گل هو
ڏسندي ئي ڏسندي،
تو اکين ۾ وحشت ڀري،
ڪاوڙ وچان گل اڇلائي هنيو:
گل منهنجي سيني تي لڳو
۽ گهاءُ جسم جو
درد وسري ويو،
ڇو تہ تنهنجي گل،
روح کي رتورت ڪري ڇڏيو هو.

# ڇيڳري ڇوڪري

پيار جسمن جي خيرات ناهي
او ڇيڳري ڇوڪري!
عشق کي روح جي،
اوچائين تائين کڻي وڃ
نہ تہ ڏاڍا ڏک پرائيندِينءَ.
هيءَ دنيا
ڏاڍي لالچي دنيا آهي،
ٿن جو چشمو ڏاڍو مٺو آهي
هر ماڻهو
ان تي گوڏن ڀر جهڪي ٿو.
پر جوئو ڪوئي ڪوئي ٿو پيئي.
من جي ميراڻ ڪوئي نہ ٿو ڏسي
پر جڏهن تن جي چشمي ۾
ميراڻ لهي ٿي اچي
تڏهن ماڻهو منهن مٽيو وڃن.
ان ڪري
من بہ سنڀال
پر تن بہ سنڀال
وقت کان اڳيئي
پوڙهي ٿي وئينءَ
تہ ڏاڍا ڏک پرائيندينءَ
او ڇيڳري ڇوڪري!
پيار جسمن جي خيرات ناهي.

## روءِ نہ دلڙي

سارا سانگ سجايا آهن، روءِ نہ دلڙي، روءِ نہ دلڙي!
پاتا پيي تہ ويجايا آهن، روءِ نہ دلڙي، روءِ نہ دلڙي!
جي ڪير ڇڏي ويو راهن ۾، جي مونجهہ لٿي ڪا ساهن ۾،
تون ڳاءِ انهي ڪي ڳاهن ۾، ۽ پنهنجي پيار پناهن ۾،
ڳول، اُهي ئي سايا آهن، روءِ نہ دلڙي، روءِ نہ دلڙي!
تو ورتي راهہ اجاتي جي ۽ پتڪئين پٺي هر سانجهہ سمي،
شفق پکيڙي سرخي توتي جڻن ڪائي ميندي تارِ نمي،
تو ڇا ڇا رتبا پايا آهن، روءِ نہ دلڙي، روءِ نہ دلڙي!
اڄ ڪهڙي آئي وير چڙهي، جو تُنهنجا پيا هيءَ نيڻ پڄي،
تون ڪنهن ڪي سارين پيئي ٿي، ويو اهڙو آهي ڪير ڇڄي!؟
هيءَ يار بہ ڪائي مايا آهن، روءِ نہ دلڙي، روءِ نہ دلڙي!
اُپ تي ڪيئي ڪايا آهن،
جن ۾ نيڻ سمايا آهن،
جڳ مان ڪي بہ نہ ڍايا آهن،
"پاتا پيي تہ ويجايا" آهن۔ روءِ نہ دلڙي، روءِ نہ دلڙي!

## ڪجهه تہ اڳتي وڌو.

اجنبي ڪير آ؟
تو سڏي دور تان۔
ڪجهه تہ ويجها اچو
جيءَ منهنجي نچو
ٿا ٻڙوءِ ٽڙو
جي ڪِرو ٿا تہ ٻيهر اُٿو
لڙڪڙائي بچو
پيا تہ اڳتي وڌو
زندگي هارءِ جيت ڪان
اڄ مٿانهين ڪري
ويجهڙي هو پرانهين ڪري
منزلن کي چمو
ڪجهه تہ اڳتي وڌو
هو ستارا ڇهو
آجپي جا اشارا ڇهو
هاءِ آزاد چارا ڇهو
پوئتي پر گهڙيءَ لاءِ موٽو متان
هار ڳاڙها ڪٽي
منتظر ڪائي تقدير آ
آئون بيٺو ڏسان
سوپ جي ڪهڪشان
بس پڄڻ جي رڳو دير آ...
اجنبي ڪير آ
تو سڏي دور تان.

## سهاڳ رات

سهاڳ رات آ، سڪيءَ ڪي ڪجهہ تہ چئو!
اچي نہ ياد، ٿو وڏي ڏڙڪو دل جو.
نيون نيون صفا نيون هيءَ ڪيفيتون،
نڙان ٿي يا ڪومائجان، ڪيئن سمجهي ڪو!؟
اتاولي تہ آنءَ پيي هان هن لئہ پر،
ڏجان بہ ٿي جڏهن سمائي ٻانهن ٿو.
ڪڪورجي ويا پرينءَ جا سپ انگڙا،
رتائجي ويو جڏهن منهنجو هيءَ کهنبو.
رهي نہ پٽ يا ترائيءَ ڪابہ اڃي،
مٿان پئي ٿي رات چڻ سانوڻ برسيو!
سرور هي عجيب آ رونءَ رونءَ چانيو،
ڪلي جيان هيو بدن اڄ تہ گل ٿئو،
سهاڳ رات آ، سڪيءَ ڪي ڪجهہ تہ چئو!

## شام پيالڙو

پرجي شام- پيالڙو
چلڪي پيو آ وات تي.
ڳالهہ سلي ويو پيار جي،
هن جي ڳن جو والڙو.
ڳوڙها پي وئي، پوءِ پي
ڳل لڳي تو آلڙو.
روز ڏسان ٿو ڪيس مان،
ڪولي جيءَ جو جالڙو.
سينو چيري آ ويو
وڇوڙي جو ڀالڙو.
ٽڪجي پيو آ پنڌ ۾،
پيرين ٿيو ٿس ڇالڙو.
پرجي شام-پيالڙو
چلڪي پيو آ وات تي.

# غزل

لاڙَهو لهرون هيون ۽ سمنڊ هو،
رات اُپ ۾ ٽڏماتو چنڊ هو.
ڪير پي ويئي اڪيلي واٽ سان؟
وارَ رخ تي ڇڻ ته ويڙهيو جُهنڊ هو.
چنڊ چوڏهينءَ جو مٿان ۽ تون هئينءَ!
پاڪرين منهنجي، ته ڇا ڇا ٽنڊ هو.
لڏتون ڏاڍيون مٺيون هون پيار جون،
تو بدن ڄڻ ڪير هو ۽ ڪنڊ هو!
ٿي وئي سانجهي سُريلو گيت ڪو
دور مندر ۾ وڳو جئن گهنڊ هو.
رات ساري هئي خدائي رقص ۾،
تو پئي پيتو پلا ڇا جنڊ هو!؟
شاهبندر! اڄ اداسيون ڇو اٿئي!؟
سنڌ کي توتي ڪڏهن ڪو گهمنڊ هو.

نگاهه تو جڏهن ڪنئي، سڄي انا اُڏي وئي!
اکين سندي درياهه ۾ اسانجي دل ٻُڏي وئي.
جڏهن به پيار جا پکي، انهيءَ مٿان اچي لٿا،
ته من جي تارڙي سڄي لُڏي لُڏي وئي.
نه ڳڻ هيا ڪڏهن اهي، نه ڏار ئي ٿيا وري،
جي عشق ٿابڙيو ته پوءِ سونهن ئي ڏُڏي وئي.
نه زندگي رهي، پريت ۾ نه موت ئي مليو
جي ڪنڌ ڏانهن ڪاتڙي وئي ته پو مُڏي وئي.
ڪڏهن ته مات ۾ ملي، ڪڏهن ته جيت ۾ ملي،
جوا هئي نه زندگي، ته ئي ايئن ڪڏي وئي.
اروپ جو ته رنگ هو اماس رات وانگيان،
ڪڏهن ڪٿي ڳُڏو ڳئو ڪڏهن ڪٿي ڳُڏي وئي.

اکين کي، ڳلن کي، چپن کي چمي ٿي،
هوا هرنديءَ جي بدن کي چمي ٿي.
ڪڏهن چيٽ سان ڪيٽ ۾ ياڪرين،
اڏامي ڪڏهن پربتن کي چمي ٿي.
جڏهن تون وڃين ٿي اڪيلو ڪري پو
اداسي اندر جي ڪپن کي چمي ٿي.
اها دل اسان جي اڀاڳي، نڀاڳي،
اڏورين سدا حسرتن کي چمي ٿي.
ڪڏهن رات راڻي اڏاري سڳندون،
وڃي عاشقن جي غمن کي چمي ٿي.
ٽڏيري هوا ۾ مَڏَم چاندني پي،
پڏر ۾ پرين جي لڱن کي چمي ٿي.

جينن لٽا هِي انگَ اکين ۾،
اندلٺ جا سڀ رنگَ اکين ۾.
رڳ رڳ مان کي گيت ٻري پيا،
توکي جڙ کي چنگَ اکين ۾.
گم ٿي وئي دل ٻارن وانگر،
جذبن جا هي جهنگ اکين ۾.
وجدان هيو يا نور هيو!؟
مَلڪُ هئا يا ملنگ اکين ۾!؟
ونءُ ويندي ٻه وجي ڦاٽي دل،
البيلا ها ونگَ اکين ۾.
زهر ته پوئين ويرا آهي،
پهريون پهريون ڏنگ اکين ۾.
سگهندا ڪو نه ٻڌي ڦٽ ڪڙيون،
رات ڏٺا سين سنگَ اکين ۾.

ڪائي اداسي ٿي رچي هر شام جي مهڪار ۾،
سروَڻ ڏکڻ سروَڻ ڏکڻ، پيو ٿو ٻُري هر پار ۾.
ايڏو وڏو هي جڳ آ، پو پي اڪيلو آدمي!
دل درد ئي بس درد آ، ڪو ڏکَ آ سنسار ۾.
تڙپي ٻري ڇو آدمي، وک وک مري ڇو آدمي،
اچ! ڪو نئون جوڙيون جهان ۾ دل سمايون پيار ۾.
جنهن جي ڪنارن دوستي، تنهن کي پلا ڪهڙي خبر!؟
ڇو سير ۾ سهڻي گهڙي، ڇا تس ڏنو ميهار ۾!؟
احساس جي ٻولي هئي، خاموش اظهارِ وئي،
سمجهيوَ نه ڇو؟ ڇاهي پلا ٻيو عشق جي اظهار ۾.
ڪيڏي اجائي ٿي وڃي، ڪيڏي سجائي ٿي وڃي!
هيءَ زندگي ڪنهن نينهن ۾، ڪنهن سونهن ۾ تڪرار ۾.
تو ۾ وڃايون هي اکيون، ڪيڏيون اجايون هي اکيون!
جيوَن سُڃايون، هي اکيون بس قيمتي بازار ۾.
جڻ ڪا ڇُري هئي زندگي، پو ڇا ٻُري هئي زندگي!؟
مون ۾ ٻُري هئي زندگي، هر موڙ تي هر وار ۾.
هو ٿا چون: ”سيني اندر مونکي نه آ دل، آ پٿر،“
اکيون پنل ناهن، ته جڻ ڪنهن بي نه هان آزار ۾!
جنهن مهل ٿي مون ڏي اچين، جنهن وقت ٿي مون ۾ نچين!
احساس، جذبا، تازگي، ڇا ڇا نه دل بيمار ۾!
تون چنڊ جئن چمڪين سدائين عشق جي آڪاش تي،
ٿا عڪس تنهنجي سونهن جا، دل جي پون پاتار ۾.
”مان تون ٿيس تون مان ٿئين، مان تو ۾ تون مون ۾ جيئين!“
ڪو فرق هاڻي ڪو نه آ انڪار ۾ اقرار ۾.

روح توڙي جسم ٻوڙيا تي خدا ڏي،
پاڻ پيرا روز موڙيا تي خدا ڏي
چنڊَ پنهنجي چاهہ جا تي روز اپريا،
۽ افق پڻ هٿَ جوڙيا تي خدا ڏي
عشق جي بي انت ساگر ۾ اسان ڪلهہ،
مست تي هي نيڻ ٻوڙيا تي خدا ڏي
پيار ۾ دل ايترا سجدا ڏنا ها،
جو عبادت رنگ ڇوڙيا تي خدا ڏي
دوزخون ۽ جنتون هُو سڀ لتاڙي،
ڪالهہ خيما صوفي ڪوڙيا تي خدا ڏي

جڏهن دلربا ياد آئي،
خوشين جي فضا ياد آئي.
ڏنو درد ڪوئي زماني،
اوهانجي وفا ياد آئي.
ڪنيا جي مٿي نيڻ ڪنهن پي،
پرين جي ادا ياد آئي.
ڏٺاسين جي ڏاڙهون، ڳلن تي—
هو سرخيءَ حيا ياد آئي.
ڪڏهن پي حسن جي اسان ڪي،
نہ ڪائي سخا ياد آئي.
هٿين پاڻ خالي وياسين،
گهڙي پل قضا ياد آئي.

تون ملي جو هئين هڪ لِڱان سانوري!
ياد ۾ مان اچا دل رڱان سانوري!
ساهه ۾ سا اچا ٿي تہ محسوس ٿئي،
مهڪ جا پي اٿي تو لڱان سانوري!
نيڻ ڏيئا هيا، روشني هو بدن،
مون ڏياري ڏٺي تو سنڱان سانوري!
تون پکي جئن اڏامي وَئين، پر اچا،
دل چوي ٿي تہ توسان منڱان سانوري!
هونءَ آوارگي آهہ ورثي ملي،
عشق ۾ پو بہ شاعر چڱا سانوري!
عام مڱڻو نہ هان، سئن سمجهي تہ ڏس!
آنءُ ٻيجل جيان سر منڱان سانوري!

نہ ظالم ڪان جي ڇتجن سي مٿا آهيون،
اجهل هن ديش ڀڳتي جا جٿا آهيون.
سدائين وقت پيرن ۾ لتاڙيو آ،
ڪري ۾ ڪٽڪ جا چڙ ڪي سٿا آهيون.
ڇپن تنهنجن نہ جهونگاريو ڪڏهن جنهن کي،
لڙهي ويل ۽ وساريل سا ڪٿا آهيون.
دنيا ۾ عشق يي چڙ ڪوڙڪي آهي،
اسين جنهن ۾ پکيءَ وانگي ڦٿا آهيون.
ڇپن تي هي چمين جا وهڪرا سانڍي،
بدن تنهنجي، ندي وانگر لٿا آهيون!

تو اکيين پاتو ڪجل،
هاڻ ڏي هينئون نہ جهل.
تو ڏٺو مرڪي متي!
ڄڻ تہ سِرجيا ڪي غزل.
سانوڻي درياهہ جئن،
آهہ جذبن ۾ اٿل.
نفرتون پي ٿيون ٿين،
چاهتن جو رد۔عمل.
پاڙ تي پختي ٿئي،
پو ڦُٽن پاڻيءَ ڪنول.
تون بہ آهين، پر اداس۔
اڄ الئہ ڇو آهہ دل !؟
موتيا مهڪن نہ ٿا!
يا ٽٽي سپنن جي ول!؟
جئن ڪڍيو يادن جلوس،
دل وئي ٿي مشتعل.
رات جي سواري وئي،
باک رستي پنڌ هل!
ها! ڪراچي روشنيون،
پر انڌيرا ٿس لڪل!
چنڊ جون ڳالهيون نہ ڪر!
آ اها وادي ڏٺل.
اڄ تہ ڌرتي پوڄيون!
زندگي ماڻيون سڦل.
اڄ مياڻن مُنهن کُليا،
ڇا پڪو آ ڪو فصل!؟
ٿو گهمين ڳيرو ڪٿي؟
ٿا سڏين توکي جبل!
ايترا ڊوڪا! نواز
پو بہ آهين تون اٽل!

***

زنجير ۾ زندان منجھه ڪتوريون اهڙيون هيون،
چڪجي وياسين پاڻ خود هي سوريون اهڙيون هيون!
ها زندگي پياري هئي، پر دار تي منزل ڏني،
مان ڪيئن ٽوڙيان ها وچن؟ مجبوريون اهڙيون هيون.
ڪٿ تون هئين، ڪٿ مان هئس، ڪٿ هو هئو، ڪٿ هوءَ هئي
ڪو تن جليو ڪو من جليو ڪي ڪوريون اهڙيون هيون.
ماٺي سگهياسين ڪين ٿي، جوين سنديون سڀ راحتون،
جذبا تتا، ڪجهه خواهشون اڻپوريون اهڙيون هيون!
هو دور هوندي گڏ هيو احساس جو جڻ سڏ هيو
پر گڏ هيو ته به گڏ نه هو ڪجهه دوريون اهڙيون هيون.
هر هڪ گهڙي خوشبو هئي گهري چڪايل مڌ جي،
اکڙيون پرين جون جڻ وليون، انگوريون اهڙيون هيون!
ٿي چاندني وانگر چڪيو ماڪي ٻڏل هر هڪ چميءَ،
تنهنجي چپن ۾ چاشني جون چوريون اهڙيون هيون.
تارا هئا سڀ سينڌ ۾، آڪاش جو جڻ سير هو،
ڪنهن ڪاڻيءَ ڪجهه دير اکڙيون پوريون اهڙيون هيون!
"جارا ڪلهي تي جام ڪي"، هاڻي نه عشق ايئن ڪري،
ڪينجهر ملي ها ٿي بها، ڪي نوريون اهڙيون هيون.

ڪنهن ڪي ڳوليـن نيڻ هوا جا!
وچـڙيـا ڇـا ڀـاءَ ڀيـڻ هـوا جـا!؟
ڳلـيءَ ڳليءَ ۾ ڪنهن جون ڳالهيـون؟
ڪـهـڙا آهـن سـيـڻ هـوا جـا!
سـج تـاءَ ڏنـو گـل مـرجـهـايـا،
رشـتـا ڇـڻ هـي مـيـڻ هـوا جـا!
ننڊ لئہ لولي، جاڳ لئہ ٺڪـي،
ڪـيـر ڏسـي ڀـانـئيـڻ هـوا جـا!
صـديـون پـنـڌ پـنـو ڇـو نـاهـي؟
ڪـٿ آهـن آسيـڻ هـوا جـا!؟
سـانـجـهـيءَ تـوڙي بـاک اڇـن ٿـا،
سـلام هـوا جـا، ويـڻ هـوا جـا.

چنڊ تارن جي خدائيءَ پي سڏيو
عشق جي ٿڌڙي سهائيءَ پي سڏيو.
پي ٻري چاهت اکين ۾ يا پرين!
ڪهڪشان جي روشنائيءَ پي سڏيو.
مان تہ ڀوڙيس پي وصل جي واٽ تي،
۽ پريان ڪان هن جدائيءَ پي سڏيو.
ٿي ڪِريا ڪنهن جا قدم اوجهڙ اندر،
پو ٻہ ان ڪي چڙهائيءَ پي سڏيو!
دربدر هو جو هِتي، اتهاس ۾-
ان ڪي عظمت ۽ وڏائيءَ پي سڏيو.
هيڪلو مان جيئن ٿيس، ٻانهين ٻَڪِي!
ڪنهن غزل، ڪنهن بيت، وائيءَ پي سڏيو.
روح توڙي تَنُ خدا ڏي ٿي ڀڪيا،
يا تمر ڪي هو يتائيءَ پي سڏيو!
ڪيئن ڀوڙان ڪين ها مان سنڌ ڏي،
نينهن ۾ مونکي سنائيءَ پي سڏيو.

آنءُ اڪيلو سياري رات،
تن ۾ آهي تنهنجي تات!
تارن رڦٽي، پاٽيءَ برف،
سچ جيان تون وجهہ ڪا جهات.
هيڪل جوين آ اونداهہ،
جي تون مرڪين ٿئي پرڀات!
آءٌ! حياتي ٿئي گلزار،
آءٌ! تہ عشق ڪري ڪا لات.
اپ ۾ گهوٽ جيان آ چنڊ،
جنهن سان تارن جي بارات.
جوين تي نہ هٽي تي دل،
ڪرفيو جهڙا ڪي حالات.
توکي ڪانهي ڪائي سار!
ڳاڙها ڳوڙها منهنجي ذات.
ٻيو سڀ سانگ اجايو آهہ،
آءٌ! تہ ماٺيون هيءَ حيات.

دل تہ توسان بہ آهي اڃان پيارڙيا
ڪيئن توکي ڇڏي مان وڃان پيارڙيا
ڪونج ڪيتي مٿان رات ڦيرا ڏنا،
ڪي ٿهوڪا اٿيا دل۔ رُڃان پيارڙيا
بت نہ ڪوئي خدا دل جي ڪعبي ۾ آ،
عشق ڪي ديوتا ٿو مڃان پيارڙيا
جيءُ جڪڙيل سندم ڏيڍ ڏي آزادگي!
ٻول ٻوَ جا سمورا ٻڃان پيارڙيا
پيار ڪان ٻي وڏا فرض ٻيا ڪي بہ هن،
سنڌ سان روح ڪي ٿو سَڃان پيارڙيا

"ڪلي نيڻ گهرا گلابي ڪنيائون،"
خماري ويا سڀ خدايون خدائون!
اڏائي ڏڪڻ جي هوا مست ٿي اڄ،
گلن جيئن جهومي فضا کي ڏنائون.
پني رات، تارا نشي ۾ ٿڙيا پي،
ڇڳون چانڊني ۾ جو چوڙي چڏيائون.
عجب ناز انداز سان مسڪرائي،
ڪنين کي جياريو ڪنين کي ڪنائون.
وري نينهن نڪريو وري عشق اڀريو
ڳلين مان پئي رات آيون صدائون.
وري سونهن ماڻا ڪيا اڄ دلين سان،
وري اڄ اڏيءَ تي پڳيون هن وفائون.
وري ڪين ٻوٽيون اکيون هي اسان جون،
جڏهن کان اهو چنڊ لالڻ لڏائون.
پرين! موتئي جيئن لڳ هي اوهان جا،
ويون واسجي ڏس! سموريون ڏسائون.
وري وار چوڙي وسڻ آئيون هن،
اڄاتيون اڄاتيون اهي ئي گهٽائون.
ستارن پريو اڀ جاڳي پيو هو
پٽر ۾ جڏهن ڪٿ پنهنجي وڏائون.
دليون هي جي اجڙيون تہ سڀ خير آهي،
رهن شال آباد تنهنجون ادائون!
پرين! سينڌ ٿنهنجي سجائي ويون ٿا،
ڪروڙين ستارا، سوين ڪهڪشائون.
وفا جي مسلڪ سلامت رکڻ لئہ،
ڪنهين سيج سان ٿي لڏيون رات لانئون.
جڏهن سونهن تي ڪي ڪيا تاءَ نٿهڻ،
اسان جون جلي ويون سموريون دنيائون.
وڇوڙو اڃا ڪو نہ ڪٽندو پلا ڇا؟
پلا ڪيستائين هي رهنديون جفائون!؟

وڏيا جو اڳيان هو لتاڙيئون اسان جون،
سوين آرزوئون، سوين التجائون؛
نہ روڪي سگهياسين ڪڏهن پي انهن کي،
رڪيا پير تن جا تہ پاڻهي روڪيائون.
لڳي دل تہ ويا پاڻ ٽوڙي، اڳي تي-
نياڻ جون ڪيڏيون نہ هامون هنيائون!
خساري جي گس تي هليا اهلِ دانش،
ڪڏهن ڪو نہ دل جو چيو ڪو مڃيائون.
ستا ها، برا ها، ڏٺو ڪو نہ دلڙي،
ڏنائين سدا دوستن کي دعائون؛
ڪري اڄ تہ ڪنهن جوڻ ڪري اڄ ڳلائون
وساري ڇڏيائين جي دوڪا ڏنائون.
زمانن تي غالب اچي نيت ويون ڏس!
اِنهيءَ عشق جون ڪي انوکيون ڪٿائون.
جسم جي سمنڊ ۾ هٿن تي ڳالهايو
ڪي لهرون چڙهيون ۽ ڪناري ڇڏيائون.
انگن جي ونگن ۾ جڏهن ڪوئجي ويا،
چمين سان بدن جون پروليون پڇيائون.
جِئين تن تي کُهنبا پرينءَ جي ڪڙيا ها،
سڄي رات ويهي اسان کي رنگيائون.
بدن نازبوءَ جو اسان پاڪرين آ،
ويون روح ويڙهي پرينءَ جون هڳائون.
محبت عجب جاءِ آڻي ڇڏيو هو
نہ هي هو نہ هُو هو نہ تون ۽ نہ آئون!
ڪڏهن گُل، ڪڏهن چنڊ، ڪڏهن لهر ۾ ها!
سوين روپ تن جا، سوين تن جتائون.
اسان جن جي ڳولا ڪئي روز و شب تي،
جواني سڄي پي پري ئي ڏڪيائون.
"اسان ساهہ جي رڳ کنان ويجهڙا هون،"
جڏهن پي مئاسون، تڏهن تي چيائون!

تنهنجي ڪرائي سرخ ڪنگڻ،
دل کي لڳو آ ڏس تہ ونگڻ!
قوسِ قزح ايري اکين ۾،
منهنجي اڳيان تنهنجو هي لنگهڻ!
ويون ڏڙڪنون ڪو ڏڪ گسائي،
نظرون لڳيون تہ بہ روح رڱڻ!
فطرت وئي ٿي دوستن جي،
ڪنهن نانگ وانگر يار ڏنگڻ!
سائل! گهڙي ٻن مات ڪر تون،
آيو هتي ڇا آنهہ منگڻ!؟
ايري، ڇني، الري، ڦري وٺ!
سونهي نٿو هيءَ هٿ ٽنگڻ.

ڪڙي تي ايئن چمي ڳل تي، سمنڊ تي سج لهي ٿو جيئن،
جواني پوءِ جرڪي ٿي، ڪليءَ مان گل ٿهي ٿو جيئن.
نئين آهي، اڃي ٻانهين، حيا ڪان هوءَ ڇڏائي ٿي،
ڏئي ڦيرا ڪنڌي کي ڪئين مڇي جو من ٿهي ٿو جيئن.
نظارا هي عجب آهن، ادائون پڻ غضب آهن،
ڪجل جي ريک مرڪي ٿي ڳلن ڳوڙهو وهي ٿو جيئن.
پڇيم: دلڙي اوهانجي ۾ اسان جو ڇا مقام آهي!؟
چيائون: گهر پنهنجي ۾ سدا ماڻهو رهي ٿو جيئن.
چيم: ساڳي وفا آهي، اسانجو سڀ اوهين آهيو!
اوهان ڏي حسرتون ڪاهن، دريا ساگر ڪهي ٿو جيئن.

ڪو ستارو سار جو منهنجي پڌر جاڳيو پئي،
درد دل ۾ چنڊ وانگر رات پر جاڳيو پئي.

ڪيئن چئجي خواب هو؟ تون جنهن گهڙي آئين پرين!
ها ستل مان هوس پر منهنجو اندر جاڳيو پئي.

سنگباري تون ڪري واپس هليو وئين سانورا!
گهاءُ هر هڪ ۾ سدا تنهنجو پٿر جاڳيو پئي.

هو مسافر ها، هليا ويا منزلن ڏي، پوءِ ڇو؟
اڄ بہ ڪنهن اوسيئڙي ۾ ڪوئي گهر جاڳيو پئي.

راتڙي ويئي لڙي ۽ پيو سمهي سارو شهر،
ڪو ديوانو هو ڳلين ۾ جنهن لئہ در جاڳيو پئي.

هي هٽن جون سڀ لڦون ڦلڙيون هيون آڪاش جون،
تي ٻنيءَ خوشبو وئي ٻُٽ تي پڳهر جاڳيو پئي.

هيل سانوڻ ڪيترا آيو ڪٽي آ داستان،
ڦول، ٻوٽا، ڇوڪريون، خوش خوش ڌهر جاڳيو پئي.

دل اڏامي ٻي گهميون ساريون گهٽيون ڪنهن سونهن جون،
عشق منهنجو، هن ڏٺو جو هڪ نظر جاڳيو پئي.

ديوداسيون پيون سُمهي ٻوٽي اڪيون اڌ رات جو
ڪنهن پوڄاري جي اداسيءَ ۾ مندر جاڳيو پئي.

ڪڏهن هي دل سُڃي رهي، ڪڏهن اڪيون اڃيون رهيون،
دکن جي هن درياهہ ۾ سپيئي سڪيون اڃيون رهيون.
اپاڳ ڪو جميل رهيو سدائين دل جي راهہ تي،
خواهشون ملڻ سنديون جي من رکيون، اڃيون رهيون.
جڏهن بہ مست ٿي ڪڇيون ديدار جي تہ جام لئہ
اسان پري ڪنان اهي اکيون لکيون اڃيون رهيون.
هي ماڪ ماڪ رات هئي، ڪليون تہ پي اڪيلڙيون،
بهار باغ هو ۽ مڏ-مڪيون اڃيون رهيون!
پرين ويا وديش ڏي، ڇڏي پنيان پيارڙيون،
بسنت رات، هيڪليون، پيلي-ٻڪيون اڃيون رهيون،
سياهہ سرد رات آ بدن ۾ بک جاڳائي وئي،
۽ ولهہ ۾ تہ ڪام جون ڪئين ڪکيون اڃيون رهيون.

ستارا ڏٺاسين اوهين ياد آيا!
نشي ۾ وري هي قدم لڙکڙايا.
اِها بيقراري جيئڻ کا نہ ڏيندي،
پلا جي ڪڏهن ٺٺي قرارن جي ڇايا!؟
وڇوڙو عجب جا اثر ٿو وجهي پيو،
سنجها جو رناسين، پرهہ گيت ڳايا.
محبت رڳو سڏ بدن جو ئي ناهي،
هتي روح پي هن سوين روپ پايا.
دنيا جي سمنڊ ۾ مڇيءَ جيئن ڦٿڪون،
ڪري ويئي سوگهو اها سونهن مايا.
سکي! ڪير ڏارا لڳي سينڌ ٿنهنجي،
وري نيڻ آڪاس ۾ اڄ سمايا.
اڄي عشق آڏو ڪري ڇاڳ چنچل،
ڳرا شرط دل ڪان وري ڪي مڃايا.
هي ساوڻ جي سانجهي، وِڄن جا وراڪا،
اهي پل اوهان ڇو اجايا وڃايا!؟
ڪٿيون ڪين مُرڪن نہ ٽيڙو ئي ٿهڪن،
اسان رات-پئي نيڻ پنهنجا ٽمايا.
ندي عشق جي ۾ سدا لئہ ٻُڏاسين،
اسان سانگ سر جا سيئي اڄ وڃايا.
تصوف جيان هي اکيون ٻئي پرين جون،
ڪروڙين جنين روپ مون کي پسايا.
ڇُهون پير ٿنهنجا او سائين فريدڻ!
رهن شال ٿنهنجا اسان تي هي سايا.
بلها شاهہ آيو اسان جي اڱڻ تي،
اسان رات گهنگهرو وجد ۾ وڃايا.

کھڙيون ميارون تي ڏئيڻ هن رات جي رولاڪ تي!؟
وحشي جگر زخمي اٿم، رک تون پٽيون هر چاڪ تي!
ها پنڌ پيرن جا سدا اوچن پهاڙن ڏي مگر،
دلڙي چڪي آئي اسانکي حسن جي ڪنهن هاڪ تي.
مومل هئي ۽ بس رڳو مومل هئي، ٻيو ڪجهه نه هو
ڏس پاڻ پهتاسين اچي اڄ عشق جي هن ڪاڪ تي.
خوشبو ڏنائين رات کي ۽ رنگ سڀ پرڀات کي،
واريون وفائون گل سيئي نڪري مٽيءَ مان ماڪ تي.
اڳئين جنم ۾ گڏ هئاسون؟ ڪجهه نه مونکي ياد آ،
پلجي پئي آن ڪيئن تون؟ مون لاابالي پياڪ تي.
ڳوڙها پرين تنهنجي اکين، مونکي اصل ماري وڌن،
روئي نه رک تون امتحان اڄ ايترا مشتاق تي.
پنهنجي ڏسيل ڪنهن واٽ تي ڪنهن کي هلائڻ ٿا گهروا؟
پئجي سگهي ٿي ڪين ڪا ڀي روڪ دل بيباڪ تي.
گهرائيون، اوچائيون، ساريون ڏٺيوسين اڄ گهمي،
ها پير ڌرتيءَ تي ڪتل ۽ هئي نظر افلاڪ تي.

وڙهــي تــي اســان ســان وري دل چــري،
كــئــي ســونــهــن آ ڇــا تــہ جــادوگــري!
وَئي ســاهــ ۾ هــوءَ ڳــنـدڀـيـون كـي ڳُـتـي،
كـڏهــن كـو نـہ ان كـان سـوا كـا سـري
لـهــي چــنــڊ پــونــم ڄِــئــِون نــيــاڻ ۾،
ايــئــن هــوءَ اســان جــي انــدر ۾ تــري
جــڏهــن عشــق آكــاش وانــگــي اٿــيــو
ســتــارا هــوءَ مــون ۾ ڀَــري
اســان جــام تــي جــام لاٿــو مــگــر،
وڌيــو درد پــئــي رات جــئــن تــي تــري
كــڏهــن تــو اكــيــن مــان پــيــاريــو پَــئــي،
كــٿــي آهــ تــنــهــنــجــي اهــا دلــبــري!؟
حسن جي سڳـنـڌ تي مڙيـاسيـن كـڏهـن،
مـگـر اچ نـہ گـل كـو نـہ كـا جـل پـري
اكــيــلا اكــيــلا رهــون ٿــا اســان،
اداســي ولــيــن جــيــئــن دل تــي وَري
تــمــنــائــون ســپ وقــت پــيــڙي وَيــو
كـمـنـد جـان وَيـو آ جسـم هـي ڳـري
جــتــي نــيــنــهــن آهــي، هــلــون ان نــگــر،
ســڏن ٿــيــون هــوائــون، ســڏي شــاعــري
جــتــي ٿــهــڪ هــر دم ٽــڙن راهــ تــي،
۽ چــهــرا جــتــي كــن كِــلــي رهــبــري
نــواز اچ ڏنــي"مــارئــي" ڏيــنــهــن ٿــيــا،
اچــي يــاد ٿــي ســنــڌ ورســنــي وري

جِـئـيـن رات جـوڳـڻ پـڪـيـڙيـو ٻَـڙو
ٻُـري جـڻ ٻَـيـو چـوڏسـائـن چـڙو.
پـريـوسـيـن انـهـي کـي حُسـن سـان سـدا،
سُـڪـل ٽـو لڳـي پـو بـہ دل جـو گـهـڙو.
نـہ دل جـي مـنـدر ۾ ڏيـئـا ٽـا ٻَـرن،
هـجـي جـڻ تـہ ويـران ڪـوئـي يـڙو.
وڏا چـنـڊ هـن تـي جِـئـيـن ٻَـرتـوا،
سـڄـي پـرٽـوي ٽـي وئـي اولـڙو.
گـهـڙيـا دل جـي گـهـر ۾ اچـي اڄ پـريـن،
ڪـري چـاڳ ڪـولـي اڪـيـن جـو ڪـڙو.
اسـان چـپ پـريـن جـا چـمـون ٽـا پـيـا،
ڪـروا جـي سـڙو ٽـا يـلـي پـيـا سـڙو.

ڪنهن ڪنواري بدن ۾ ڪهاڙي لٿي،
ڪا اڳياڙي لٿي، ڪا پڇاڙي لٿي.
لوڪ ڀهرا سوين، پر نہ روڪي سگهيو
ها، لٿي پيار ۾ هوءَ ڏهاڙي لٿي.
ڇا تہ خوشبوءِ هئي هُن جي آواز ۾،
واءُ ۾ ڄڻ تہ گلڙن جي واڙي لٿي!
سمنڊ تي ڪيترا ڇٽ ڇٽيا پکين!
شيڪلو جو اڏي ويو تہ آڙي لٿي.
اڄ تہ سرهيل پيو ويو سُڪي آ صفا،
يار وهنجڻ ڪٿي؟ هاڻ گهاڙي لٿي.
ڇو نہ مومل هئي اڄ انهي ماڳ تي،
ڇو اکين ۾ رڳو اڄ تہ ماڙي لٿي!؟
رات دلڙي صفا خاڪ ٿي هئي،
ياد جي ڪا اچانڪ اماڙي لٿي.
وقت ڪان ٿي اڳي ڏس وَياسين ڇٽي،
درد جي ول ٻي ٻاڙي ٻي پاڙي لٿي.
ڄامشورو ڇڏي گهر پڳاسين جڏهن،
سڄ لٿي جو اندر ۾ پهاڙي لٿي.
ها اُتر سان سوين واسطا، پوءِ پي،
هانءُ ۾ ڇوڪري ڪائي لاڙي لٿي.
ها حيا جي سبب ڳل ڳاڙها جنهين،
رات بستر ۾ بلڪل اگهاڙي لٿي.
ڪيپ مان تو ڏسي ڪيئن هن ڪي نواز
ڪجھ تہ نيرو چڙهيس، ڪجھ تہ تاڙي لٿي.

زنـدگـي جـي مـئـڪـدي ۾ مـئـڪـشـي ٿـيـنـدي رهـي،
پـيـر ٿـڙنـدا ئـي رهـيـا ۽ هـوءَ مـئـه ڏيـنـدي رهـي.
لـوڪ پـهـرا عشـق تـي ڪـيـڏا ويـهـاريـا پـوءِ بـه هـوءَ،
روز اوچـي ڳـاٽ سـان مـون سـان مـلـڻ ايـنـدي رهـي.
چـنـڊ جـان چـهـرو ڪـٽـي مـرڪـي پـکـيـڙئـيـن روشـنـي،
زلـف چـهـري تـي وڌئـيـن جـو چـانـدنـي ويـنـدي رهـي.
روڪـيـاسـيـن يـار پـنـهـنـجـي جـي ڳـلـي کـان پـيـرڙا،
پـو بـه هـي دلـڙي سـدائـيـن ان طـرف نـيـنـدي رهـي.
ڪـيـتـريـون ٿـيـن هـٿ ڪـهـاڙيـون روز اپـيـون سـونـهـن تـي!
پـو بـه هـي ڌرتـي هـمـيـشـه پـيـار جـنـمـيـنـدي رهـي.

چانـدنـي، جـهـنـگ ۾ شـاعـري،
روح جــو رنــگ ۾ شـــاعــري
ڪو ڳوي رات پٽڪيو پئي،
ســار جــا ونــگ ۾ شــاعــري
مــنــد دل جــي پــوي اڄ ٽــڙي،
تـون هـجـيـن سـنـگ ۾ شـاعـري
درد آهــــي اُڏيــــو اُپ تــــي،
جـئـن ڇُـريـو چـنـگ ۾ شـاعـري
رات پــويــون پــهــر، يــاد تــون،
عشـق جـا ڏنـگ ۾ شـاعـري
ويـر ڪـهـڙي چـڙهـي اوچـتـي؟
پـيـا روئـن مـلـنـگ ۾ شـاعـري
دل اڪـيـلـي، زمـانـو ٺـهـر،
وقـت آ تـنـگ ۾ شـاعـري
مـون فـقـيـري ڪـنـئـي پـاڻ ئـي،
تـو هـنـيـا ٻـنـگ ۾ شـاعـري

جيئن مون وٽ هوءَ رهي وئي آهي،
شاعري دل ۾ لهي وئي آهي.
ڇوڪري جيڪا گلاب وانگي هئي،
عشق ۾ ڇا ڇا سهي وئي آهي!
دهشتون درياهه جون نه جنهن روڪن،
سير کان ڪيئن سا ٿهي وئي آهي!؟
ڪالهه پيرا ٿي پڳا پهاڙن تي،
چنڊ ڏي اڄ دل ڪهي وئي آهي.
سار جا پنڇي به ڪنب ڪوهي ويا،
تون نه آئينءَ هيءَ وهي وئي آهي!
يادگيريون هاڻ ڳولجن ڪهڙيون!؟
دل عمارت ٺَي ڍهي وئي آهي.

رات جي سانت ۾ ڪي ستارا ٽڙيا،
چڻ ته مدهوش ٿي دل وارا ٽڙيا.
هورڙيان هورڙيان پئي چٽي روشني،
هي صدين کان سٽل باک جارا ٽڙيا.
ڳل تنهنجا پرهه ڪي جنم ٿا ڏين،
ٿي اجهو رات، جي زلف ڪارا ٽڙيا!
مند آئي رساما ڪيا يارڙن،
عاشقن لئه ڳچيءَ ڳل ڳارا ٽڙيا.
ڪيئي ڪينجهر ڪنڌيءَ تي ٽلن نوريون،
اڄ ته بيڙيون ٽليون، اڄ ته ڪارا ٽڙيا.
گُل ڏرتي جي سيني تي جهومن پيا،
ها! جي رابيل ناهن ته ٽارا ٽڙيا.
چيٽ آيو ڪٽي مڌ مهڪار جي،
هاءِ ٻنيون ٽڙيون هاءِ پارا ٽڙيا.
پير ها چند جان، جئن ڇهيا ڌرتتي،
چپ ٿاهي چمي جيئن چارا ٽڙيا.
شاعري سان اسان گڏ فقيري ڪئي،
جاهه تنهنجا ٽُٽا ۽ مون پارا ٽڙيا.
ڪالهه جن تي زماني ٿي چٿرون ڪيون،
سي ڏڪاريل، وساريل، ڏڪارا ٽڙيا.
شهنشاهي غرورن سندو انت ٿيو
نيٺ منصور سرمد ۽ دارا ٽڙيا.

نگاھن سندو تير جلوا ھيو،
سچو روح ۾ سرير جلوا ھيو.
جڏھن ھُن چپن تي پيالو رکيو
نڙيءَ مان لڳو ڪير جلوا ھيو.
ھو ڪومل ڪراين ۾ سڳڙين جيان،
ٻڌائون تہ زنجير جلوا ھيو.
جڏھن ھُن وچوڙي جا ورلاپ ڪيا،
ڏٺوسون تہ فقير جلوا ھيو!
ٻہ ٽي نينگريون جو سِراندي لٿيون،
جواني چيو: پِير جلوا ھيو.
ھو ٻيڙيون ڪنيو پي ويون ڇيج ڪي،
تڏھن چنڊ وچ سير جلوا ھيو.
چميس پير ڪينجھر پئي چاھہ مان،
سوين رات جَھمپير جلوا ھيو.

جڏهن هوءَ ڀاڪر ۾ آئي لهي،
تڏهن وئي هي رنگجي اسان جي وهي.
بدن کان وئي روح تائين ڏنا،
عجب ڪيپ هن جي چپن جي مهي.
ڪچهري ڪري بس ڪئيسين جڏهن،
لڳو ڳالهه آ ڪا اچا اڻ ڪهي.
الئه چو رساما ٿين عشق ۾؟
انهي جي نه ڪنهن کي به ٿي آگهي.
ڪڏهن چاڳ هُن ٿي اجايا ڪيا،
ڪڏهن دل به ڪجهه ڪاوڙيل ٿي رهي.
ستارا ستارا نگاهون ڪٽي،
ڏنائين ته ضد جون پٽيون پيون ڀهي.
عجب جا اشارا هئي زندگي،
نه سمجهي سگهياسين ويو سچ لهي.
جواني گذاري جئين تو نواز
اهو سڀ تون ڪوتا ۾ سگهندين ڪهي!؟

جڏهن تو هٿن کي اشارا ڪنيا،
اسان پير اوڏنهن اجارا ڪنيا.
هي دل جي اڱڻ تي اونداهيون رهيون،
تڏهن پي توهان لئه ستارا ڪنيا.
دريا عشق جو هو پياسين ڪڏي،
نه سيڻاهه جا کي سهارا ڪنيا.
سيئي منزلون پي اوهانکي ڏنيون،
اسان يار اڄ ڪٿ هي چارا ڪنيا.
جڏهن تو خوشين کي پريو پاڪرين،
ته دل درد سارا ڏکارا ڪنيا.
زماني کي تو ڪر ٻلاتي هٽي،
اسان بس رڳو يار پيارا ڪنيا.
اسان کي اڪيلو ڇڏي سير ۾،
وڃي پاڻ لئه هن ڪنارا ڪنيا.
هو مڪلي تي راتيون اکين ۾ ڪٽيون،
اسان اڄ پٿر جا پنارا ڪنيا.
دعا چو نه هُن جي قبولي خدا،
محبت منجهان هٿ ڪنوارا ڪنيا.
پهاڙن پٽيان سج ميندي هنئي،
پريان موڙ لئه رات تارا ڪنيا.
خدائي سڄي جت هئي ناچ ۾،
اکين لئه عجب سي نظارا ڪنيا.
پٽائي! سدائين ڪجان پيو ڪرم،
ٻه ٽي ٻول توکان اڌارا ڪنيا.

لهي ويو چنڊ ۾ هاڻي ڏسو ته ڇا انڌاري ۾!
مٿان ڇئونرن ٽڪي پيا هن ڏکن پاڇا انڌاري ۾.
پري هن سنڌ ڪان ڪيڏو اڇا راتيون سهائي جون!
روئي ٿو ٿر، اتر، وچ ۾ روئن ڪاڇا انڌاري ۾.
ستارن جي اها ڇايا، سمندر جون اهي لهرون،
لڙن ٿا لاڙ جا ڳوڙها، تڪيو ٿا ڇا انڌاري ۾؟
ڪراچي ۾ ٻرن بتيون ته ٻي دليون انڌيريون هن،
رڳو هڪ ريک مرڪن جي، اُها آڇا انڌاري ۾!
قتيل آ پيار جو سينو وهي ٿي ڌار هي رت جي،
ڪهاڙي تي سسيون ڳولي، ملپا پاڇا انڌاري ۾.
ٻڌون ٿا وقت ۾ لڙهندي، وڃي ٿو وهڪرو وهندو
سوين هت سال ۾ صديون، ٻڌو ڇا ڇا انڌاري ۾!
مٿان ٽيو شاعرو! ماٺا، سياڻي ديس هيٺن پڇندو:
لنگهي هو لنگهه ڪي آڏا، وڏيا ها ڇا انڌاري ۾؟

پوئين رات جو آيو آهين،
من بدن تي ڇانيو آهين.
ڏرتي وانگر منهنجي دل آ،
تون ڄڻ اڀ جو سايو آهين.
تارا جهل مل، چنڊ به مرڪي،
اڄ ڀي شرمايو آهين!
گلڙن وانگي آئون ٽڙيو هان،
ماڪ جيان مهڪايو آهين.
رُت بسنتي، هير گهلي ٿي،
خوشبو جيئن اڏايو آهين.
تنهنجي ايندي اندلٺ ڪڙندي،
رنگن جو سرمايو آهين.
بيحس بستي سنگ هٺي ٿي،
ڪجهه ڪجهه تون به ويچايو آهين.
ڪيڏاري جئن منهنجو من آ،
تون ته امن جو لايو آهين.
تعمير نئين جيئن ايري تون،
هيئنڙي منجهه سمايو آهين.
شاهه جي واين وانگر جانان!
دل سان ويو تون ڳايو آهين.
سنڌوءَ جي پوتر پاڻي جيئن،
چشمن تي ويو ڇايو آهين.
ڀاڳ نواز وڏا هن تنهنجا،
دردن-ديس ۾ ڄايو آهين.

اجاري رهي دل نگاهن جي مڌ جي،
اکين سان اکيون هي پيون يار پڌجي.
اسان عشق خاطر زمانو ٺڏيو آ،
رهي آرزو ڪا سچي جي نه اڌ جي.
خدايون سموريون لٽاڙي وياسين،
نه ڪي يار نندبون، نه ڪي سار سڌ جي.
جڏهن من ۾ ميهار ديرا اڏي ٿو
ڏسي سهڻي دريا، نه پرواهه ٿڌ جي.
اهي نيڻ امرت، بدن مڌ شالا،
ڏيون سر، ملي جي وٺي ڪا به وڌجي.

چون ٿا جڏهن لڙڪ اکڙين پري ٿي،
تڏهن عاشقن جي دلين کي ڏري ٿي.
چون ٿا کلي هوءَ کٽي نيڻ پنهنجا،
تہ چوڏهن طبق دل جا روشن ڪري ٿي.
چون ٿا گلابن جيان مرڪ هن جي،
چون ٿا ستارن جيان هوءَ ٻري ٿي.
چون ٿا زنجيرن جيان لفظ هن جا،
چون ٿا نہ ڪنهن جي ٻہ ان ٻن سري ٿي.
اسين ٻي ملڻ ٿا گهرون مهہ لقا سان،
چون ٿا ملڻ سان قيامت ڪري ٿي.
چون ٿا سدائين دلين ۾ رهي ٿي،
چون ٿا سدائين اکين ۾ تري ٿي.
چون ٿا زمانو مري ٿو اُنهيءَ تي،
چون ٿا اُها ٻي ڪنهين تي مري ٿي.
چون ٿا صبح سان ڏٺي منهن انهيءَ جي،
مصيبت، رڪاوٽ ۽ بوريت ٽري ٿي.
چون ٿا جواني جي چولي مٿان هوءَ،
پٽي عشق جا ڪي نوان رنگ ٻري ٿي.
چون ٿا سراڻ آ سچو حسن هن جو
چون ٿا تہ پو ڏات ٻيهر وري ٿي.
ڏسون سنڌ جي پيا اسان سينڌ اجڙيل،
چون ٿا سهاڳڻ تہ ٻهہ ٻهہ ٻري ٿي.
چون ٿا تہ آ سونهن آزادگي ۾،
چون ٿا غلامي ۾ صورت ڪري ٿي.
وطن ۽ سجڻ تي ڏين ساهہ جيڪي،
چون ٿا انهن جي سدا پت پري ٿي.

لٽي سج اجهل هي هوائون مليون،
ڪنارا پري ۽ گهٽائون مليون.
ٽٽا سڙهہ دلين جون هي ٻيڙيون لڏيون،
سمنڊ جي سفر ۾ سزائون مليون.
ويا سپ سهارا، چڪاسين ٻڏي،
تڏهن هون اوهانجون صدائون مليون.
ڪناري چڏيائين ڪٽي سير مان،
سمنڊ جون انوکيون ادائون مليون.
سڀن جوکمن مان بٽي زندگي،
اوهانجون هيون جو دعائون مليون!
جڏهن باهہ وانگر وڇوڙو ٻريو
تہ يادن جو گهاٽيون هي ڇانئون مليون.
جڏهن ٻي اوهان جي تمنا ڪئي،
اوهان کان اڳي هي ڪوتائون مليون.

ازل کان اسان جي پناري پئي،
تڏهن دل محبت پڪاري پئي.
ڪتين ۾ نہ ڪجلي اسان وٽ پڳي،
۽ تيڙو جا ٽاٽا بہ پاري پئي.
اسان جي اَٿوَ دل سورج مُکي،
سدا سج پنهنجو نهاري پئي.
اسان قول واريا جي تنهنجي مٿان،
لٽي توڙي ايرئي هو پاري پئي.
جدائي جا پالا اکين ۾ ٽُنبي،
انڌي رات هيڪل هي ماري پئي.
سدا ناوَ جئن آ اها شاعري،
غمن جي ندي مان اکاري پئي.

ملو ها سنجهي، چنڊ وانگر ڪڙون ها،
پرهه جو اچو ها گلن جان ٽڙون ها.
اکين کي ڪڙا ها، دلين کي ڪڙا ها،
محبت جي گهر ۾ پلا ڪيئن گهڙون ها!؟
الڳ ٿي مرون ڇو ۽ واپس ورون ڇو؟
سُتو آ تہ منزل جي رستي رڙهون، ها!
سدا عشق جي هن سمنڊ ۾ هجون ها،
ڳنڍيون ها، ٽٽن جي دلين جون سڙهون ها.
ڏني سر جڙي ها جي سودو پرينءَ سان،
اچي مڏ مکين جيئن انهيءَ تي مڙون ها.

هوءَ وارِي پنهنجي يار مٿان،
اڄ پيار اڇي ويو پيار مٿان.
جيئن ڪئي عشق پڪار مٿان،
دل لوڪ ڏني ٿي دار مٿان.
هن لڄ رکي هر وعدي جي،
۽ ساهه ڏنئين اقرار مٿان.
زنجير محبت تي نه هجي،
پهرا نه هجن اظهار مٿان.
نفرت ويئي نيٺ اڏامي،
اڄ حاوي چاهه تزار مٿان.
لهر لهر ۾ ڏيئي ٽپيون،
چنڊ چمي سنڌو ڏار مٿان.
جي ديس سڄو آ اونداهي،
تون پنهنجا نيڻ ٺي ٻار مٿان!
هونءَ نواز ٻلا ڇا لکندو!
ٿي روز ٿئي گونجار مٿان.

گلن جان سنڌ هيءَ سجل نيڻ ها،
ڪلڻ سان لڳو تي ڪنول نيڻ ها.
صبح رنگ انهن جو گلابي هيو
سنجهي پي وٺيا پي ڪجل نيڻ ها.
چڙي راڳڻي رات سنسان ۾
ٻُري پيا پرين جا غزل نيڻ ها.
اُفق پي، شفق پي انهن ۾ ٻڏو
ابد نيڻ ها ۽ ازل نيڻ ها.
صحيفي جيان ڪائي صورت لڳي،
اسان جا ٻئي جڻ رحل نيڻ ها.
جڏهن تي ڪچيا، تي ڏنائون پرين،
محبت ۾ ڪيڏا اٽل نيڻ ها!

تو کئي جئن چٽر اوچتو
ڇڻ لڳو ڪو پٿر اوچتو.
نيڻ رلنديءَ پَيا اڄ پڇي،
ياد پيو جيئن گهر اوچتو.
مون تہ مايون ڏٺيون پئي پَريان،
تون اچي وئينءَ نظر اوچتو!
مان پياسو ملئينءَ تون ايئن،
رُڄ ۾ جيئن جر اوچتو.
پيار مان اڄ ڪنيون تو اکيون،
زندگي ٿي سحر اوچتو.
تو ڇهيو ڇڻ جسم ۾ ڏڪي،
ڪا ٿي بجلي۔ لهر اوچتو.
رات آئينءَ ستارن جيان!
ايتري ڇو مهر اوچتو!؟
اڄ بہ تازو لڳي ٿو اجا،
پيار جو هُو پهر اوچتو.
چاندني چاندني ياد آ،
ڇڻ ٻريا ڪي ڏهر اوچتو.
وهنجندي وقت ويئي ڇُمي،
واءُ تنهنجا سٿر اوچتو.
تون نہ بادل جيان جو وُٺين،
ٿي ويو روح تر اوچتو.
ڪا جدائي ڪلر جيئن لڳي،
پيو ڊهي دل۔شهر اوچتو.
وئين جُوانيءَ مري ڇو نواز!
ڪنهن ڏنو هي زهر اوچتو!؟

هيءَ ڳهيلي دنيا ڄاڻي ڄا،
هو سيج ڇڏي ڇو پنڌ پيا؟
ڇا ڪاڻ سڏيائون سوريءَ کي،
ڪنهن لاءِ جوانيءَ منجهه مئا؟
آ تنهنجي هيءَ جا آزادي،
اُن ڪاڻ ملي جي ڪالهه ڪُٺا.
پيار وچان سنڌو سِير ٻُڏا،
جي سڌ هيا ڪلهه تارن جا.
اڄ ڪنهن ڏي تاڻي تانگهه پئي،
ڇا لاءِ پري هي دل سڏڪا!؟
جي رات پرهه جي پنڌ پيا،
پوئين پهر هئا ڇو نستا؟
هيءَ عشق ڳلِي آباد رهي،
۽ سونهن سدائين ڏي جهلڪا.
چنڊ منڊي جن رات ڇڏيو هو
ڇا ويس ورن هي تنهنجا ها!؟

بيچين دل، بيقرار دل!
ڪنهن جو اٿئي انتظار دل!
ٽڙندي وتين چو ڳلي ڳلي؟
ناهي ڇگهو هي خمار دل!
ڪنهن بيوفا لئه روئون ٿو چو
چو پاڻ ٿيون هت خوار دل!
ڪنهن ڪان نه ڪر تون شڪايتون،
ڪر پاڻ تي هر ميار دل!
عاشق سدائين اداس هن،
ڪنهن کي مليو هت قرار دل!
موسم سرءُ جي لهي جتان،
آهي اتي ئي بهار دل!
ڇيڙو نه ڳر آهه درد جو
ته خوشي به آ بي شمار دل!
ويساهه ڪرتون اکين وري،
دوکا سمورا وسار دل!
ڪيڏي وڏي ڪائنات آ،
ڏس هو پکين جي قطار دل!
خوشبو هوا ۾ وکير اڄ،
ڪجهه ٿهڪ پي تون اڌار دل!
ڪنهن جي اکين ۾ وري ٻڏئين!؟
ڪهڙي چڙهي هي جوار دل!
هل ٿا هلون اڄ پرين جي گهر،
تون اٿ پلا تي تيار دل!

هوءَ مون کان جدا ٿي، مُک موڙي اٿي،
هاڻ ۾ چَڪ پيو دل ٽوڙي اٿي.
ڇا تہ خوشبو اٿي معطر ٿي فضا!
مسڪرائي جڏهن وار ڇوڙي اٿي.
عشق ۾ دل ڪڏهن ڪو نہ ليکو ڪيو
ڇا هو پائي اٿي، ڇا هو لوڙي اٿي!؟
سوچ هئي مانڊڻي، ذهن ماڻي هيو
سار پنهنجي پرين جي ولوڙي اٿي.
جت پکيءَ پير ها ۽ نہ ڪا باهڙي،
ات عَلم پيار جا دل کوڙي اٿي.
جئن جواني وئي، بيوفا عمر هيءَ،
تئن بدن تان رتا گل روڙي اٿي.

بت ۾ جوڀن رس ڀريو آ ائن جئن وڻ ۾ انب پچي،
ونءُ ٻه وچي ۽ هينئون ٻه هرڪي، مُنڌ لڱن ۾ واءُ نچي.
شرم پنن جئن ڪو نه ڍڪي ٿو دل جا انگ اگهاڙا هن،
عشق ازل جي سڏ جيان آ، تنهن کان ڪوئي ڪيئن بچي!
صحرا ۾ چڻ سيند هيا، هو نيڻ ازل جي نيند هيا،
دل تي مستي لائي ويا، ٿي سياري ۾ جئن مڌ رچي.
رات پرهه جي ڪانڌ اُٿي ۽ آئون دلڙي ٻاريان ٿو
ڪجهه پتنگا تنهن تي چرڪن ٿا، هاڻي وڌ ٿو مچ مچي.
روز اول کان ڏرتي جاڳي، تارا تنهن کي اک ڀڃن،
سج، چنڊ، نديون، ڪومل ڪامڻ، وک وک تي ٿي سونهن نچي.
زلف ورائي مُنهن تان جئن هڪ وار سرشتي مرڪي ٿي،
ٿهڪ خوشين جا گونجن ۽ چوڌار فضا ۾ رنگ رچي.
بي انت سحر جي ڪل نه ڪا، ڄاڻو ڪنهن ٻه نه ڄاتو آ،
ڏينهن وچي ڪيڏانهن ٿو ٿي ڪهڙي ڏس کان رات اچي!؟
فطرت جا سڀ ڳجهه ڦلهوريان، اندر ڳوليان، ٻاهر ڳوليان،
آءُ! خدا تون مونکي هٿ ڏي، تو ٻن ذات نه ٿي سرچي!

ڏينهن ستو ۽ ٻتيون جاڳيون،
ٽيڙو جاڳيا، ڳتيون جاڳيون.
آسون انڌلٽ جيئن ٽڙيون يا،
دلڙي تي هيءَ ڇتيون جاڳيون.
هِن جي لئہ هو گهر ڇڏيو مون!؟
هاٿي چوريءَ مٽيون جاڳيون.
ڏيميون ڏيميون ٿن جون ٻاهيون،
لوڪ سُتي اڄ ستيون جاڳيون.
سرخ سويرو عشق جو پڪڙيو
اکڙيون هيءَ رت رتيون جاڳيون.

عشق مونکي ڏنو جڻ تہ مان چيڙجي ويس،
کنهن اڄاتي ڪشش ۾ وڏي ريڙهجي ويس.
پيار مونکي ڏنا حوصلا راهہ راهہ تي،
هيڪلي زندگي گهاءِ هئي، جهيڙجي ويس.
هو مليو دل ٿي دل ۾ گل جيان ٽڙيس،
هن ڇُهيو پاڻ ٿي پاڻ ۾ ويڙهجي ويس.
آنءُ وڪريل هيس آنُ داڻن جيان اڳي،
هن چپن سان چميو انگ انگ ميڙجي ويس.
هاڻ لذت نہ ڪا آرزو پاڻ ڏي سڏي،
هو ويو مان سڄي جڳ منجهان ٽيڙجي ويس.

اوهان پيار ڪرڻ ڏنا جو ڪڻون،
نہ هاڻي تنتون ٿا نہ ڪي ٿا چڻون.
نگاهہ ناز جي، مرڪ انداز جي،
اسان لئہ اهو ئي گهڻون آ گهڻون.
تڻي سج ڏي جيئن سورج مکي،
اسين روز سپرين! اوهان ڏي تڻون.
جئين تو چهيو اڄ اسانکي پرين!
پيا هاڻ خود کي بہ ڏاڍو وڻون.
اها عشق طاقت اسان کي ڏني،
ڪٿي ٿا سگهون، جي سرشتيءَ ڪٽون.
نئين سر خدا کان پلو ٿا هيون،
جهان کي ورائي جي پٽ تي هڻون.

وڻن لئہ ٺـڏيـري فضـا جـو نـيـاپـو
هـوا آهـي آنـدو گـهـٽـا جـو نـيـاپـو.
پکيءَ جئن گگن تي اُڏيا رات هاسين،
جڏهـن هـو مـلـيـو اپسرا جـو نـيـاپـو.
سوين چنڊ لکندا مِٽيءَ جي بدن تي،
اڏوري وڃـايـل ڪـٿـا جـو نـيـاپـو.
فصـل آهـہ اوڍي ڏسـو سـائـي چـادر
ڏنـو جـيـئـن پـاڻـي دريـا جـو نـيـاپـو.
پرين جي پچڻ لئہ اچن، ٽيڪ ٽينـدا،
مـلـيـو عـاشـقـن کـي شـفـا جـو نـيـاپـو.
سدا نـور ڌرتـيءَ تـي وهـنـدو پـيـو هـيءَ،
ڏنـو رات تـارن خـدا جـو نـيـاپـو.
گـلـي عشـق لايـو مـحـبـت ورهـايـو
اهـو آ اسـان جـي ڪـلا جـو نـيـاپـو.

جڏهن جاڳي پوي ٿو يار سرجڻهار اندر ۾،
ڪنول ڪيئي ٽڙن ٿا پو ڪِلي پنهنجي ڪلا- سر ۾.
لباس آ اڄ سين ساڳيو لڳن ٿيون لال سڀ لهرون،
گلابي ڪو بدن مرڪي لٿو آهي عريان جر ۾.
ڪکر آيا نہ ڪنوٽيون هن، نہ ڪوئي مينهن پيو آهي،
تہ پي ترسي پيا آهن پرين اڄ رات هن گهر ۾.
ڪڏهن دوري، ڪڏهن ميلو ڪڏهن ڪاوڙ ۾ پنهنجائپ،
عجب جون عادتون آئون ڏسان ٿو پنهنجي دلبر ۾.
لٿو آ روح ۾ ڪوئي، ٿيا سين بُت ڪان آجا،
وڃي ان سان مليا آهيون سمائي ڪيس ياڪر ۾.
مٿان آڪاش تان تارا وجهن ٿا پرتوا پنهنجا،
ڏياريءَ ڏڻ جيان ڏيئا ٻرن پيا جڻ تہ ساگر ۾.
لڳي ٿو اڄ وڏي ڏرتيءَ وڏو ياڪر آ لهرن کي،
سمنڊ خاموش آ ليڪن اٿي پيو شور بندر ۾.
اُهي ٻيڙيون، اُهي ٻتيون، اها ئي سرمئي سانجهي،
مهاڻيون وار ٿيون کولين وکيري مهڪ منڇر ۾.
روئي ٿو گهنڊ سنجها جو پُڄارڻ کا پڳي ناهي،
قراري جاپ ڪنهن ڪونهي، اداسي آهہ مندر ۾.
ڪڏهن وسعت نگاهن ۾، ڪڏهن پاتال ۾ بلندي،
سدائين مون ڏٺي آهي سرشتي هيءَ سراسر ۾.
مسيتون دل تہ اُکري وئي، اڪيون معراج کان اڳتي،
رهيو ويچو نہ آهي ڪو نظر، ناظر ۾ منظر ۾.
اڳي آدم ڪنان آهيون، اسان ئي ڪُن چيو هو اُت،
اسان ئي ڪُل حقيقت ۾ اسان ئي ڪل تصور ۾.

هيءَ دل تہ منهنجي هئي مگر اختيار سڀ تنهنجا هيا!
دنيا وساري مون ڇڏي هي پيارَ سڀ تنهنجا هيا!
دل جو سڙي ويو ڪيت هو جيئن تتلُ ڄرڻ ريت هو
ان وقت آيا جي ڪڪر تِي وار سڀ تنهنجا هيا!
مون ٿي ڪنيون جيڏانهن اکيون، تون ٿي اڳيان آئينءَ پرين!
ڪوليم جڏهن دل جي دري، ديدار سڀ تنهنجا هيا!
تون ڪنهن گهڙيءَ مرڪي پئينءَ ۽ ڪنهن گهڙي روئي ڏنئي،
توکي سڄاتو مون پرين، هي پار سڀ تنهنجا هيا!
تون ٿي لنگهيين مهڪيون گهٽيون، ٿي سونهن سان ٻهڪيون گهٽيون،
ماڻهن پئي ڇنڪيون گهٽيون، لاچار سڀ تنهنجا هيا!
تو نيٺ ناتا غير سان جوڙي ڇڏيا، مان وِيُس مري،
منهنجي جسم ۾ روح تي هي وار سڀ تنهنجا هيا!
هي ميرڙا، هي ڪوجهڙا، تنهنجي اڳيان هٿُ جن ٽنگيو
ڇا لئہ ڌڪاري تو ڇڏيا، سي ٻار سڀ تنهنجا هيا!
ڪنهن پاڙُ ٻاري رات ڪئي مقتل مٿان هئي روشني؟
سِر ها اسان جا ۽ ستونِ دارَ سڀ تنهنجا هيا!

اسانکي عشق اجرک جئن سدائين پيو ڇُري ٿو چڻ،
پُٽن جان زندگي جوڙي، وچان پر تون پري ٿو چڻ.
خدا جي نانو جئن آهي، اسان تي چانو جئن آهي،
افق جي هانو جئن آهي، جهان روشن ڪري ٿو چڻ.
اندر ۾ سڪ ساگر جان، نہ ڇيڙو آهہ ڪِوان جو
ازل جو قول آ ڪوئي ابد سان جو پري ٿو چڻ.
جهڪايو ڏينهن سر پنهنجو چمي پئي رات ڇپ اُن جا،
ستارا سانجهہ جا ٻچڙا اکين ۾ اُڀ ڀري ٿو چڻ.
نہ ڪوئي سونهن جو سج آ، نہ ڪا ديدار جي گرمي،
وسي پئي ولهہ جدائي جي، هينئون سڪڙي ٺري ٿو چڻ.
پتڻ سڀ ننڊ جا ريٽي لٽي آ رات جوين جي،
اڪيلائي دريا جئن آ، غمن ۾ من تري ٿو چڻ.
پڪيڙي رات پئي ٻانهون، ٻتيلو ڪو اڪيلو آ،
ندي جا نيڻ جاڳن ٿا، ڏيئو لهرن ٻري ٿو چڻ،
رُلي خانا بدوشن جان، اُڏي ٿِي رک وانگر دل،
سڄو آڪاش خيمي جئن مٿان ان جي وري ٿو چڻ.